# سچي توبه

**20-April-2019**



## اجتماعِ شب براءت 1440ھ جو بيان

(For Islamic Brothers)

اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ؕ

# سچي توبهہ

اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلَیْكَ یَا رَسُوْلَ اللّٰہ    وَعَلٰی اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ یَا حَبِیْبَ اللّٰہ
اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلَیْكَ یَا نَبِیَّ اللّٰہ    وَعَلٰی اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ یَا نُوْرَ اللّٰہ

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي اعتڪاف جي نيت ڪري وٺو، جوتہ جيستائين مسجد ۾ رهندؤ اعتڪاف جو ثواب ملندو رهندو. ياد رکو! مسجد ۾ کائڻ، پيئڻ، سمهڻ يا سحري، افطاري ڪرڻ، ايستائين جو آبِ زم زم يا دَم ڪيل پاڻي پيئڻ جي بہ شرعاً اجازت ناهي، البت جيڪڏهن اعتڪاف جي نيت هوندي تہ اهي سڀ شيون ضمناً جائز ٿي وينديون. اعتڪاف جي نيت بہ صرف کائڻ، پيئڻ يا سمهڻ جي لاءِ نہ هئڻ گهرجي بلڪ ان جو مقصد الله تعاليٰ جي رِضا هجي. ”فتاويٰ شامي“ ۾ آهي: جيڪڏهن ڪو مسجد ۾ کائڻ پيئڻ يا سمهڻ چاهي تہ اعتڪاف جي نيت ڪري ۽ ڪجھ دير ذِڪرُالله ڪري پوءِ جو چاهي ڪري **(يعني هاڻي چاهي تہ کائي پي يا سمهي سگهي ٿو).**

## دُرُود شريف جي فضيلت

حُجَّة الاسلام امام محمد بن محمد غزالي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: حضرت سيدُنا حسن بصري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي خدمت بابرڪت ۾ هڪ عورت حاضر ٿي عرض ڪيو: منهنجي جوان ڌيءُ فوت ٿي وئي آهي ڪو طريقو ارشاد فرمايو جو مان ان کي خواب ۾ ڏسي وٺان. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه ان کي عمل ٻڌايائون. ان پنهنجي مرحومہ ڌيءُ کي خواب (Dream) ۾ اهڙي حالت ۾ ڏٺو جو اُن جي بدن تي تارڪول (يعني ڊامبر) جو لباس، ڳچيءَ ۽ پيرن ۾ زنجير آهن! ان عورت

اھو خواب حضرت سيدنا حسن بصري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه کي ٻڌايو. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه اھو ٻڌي ڏاڍا غمگين ٿيا. ڪجھ عرصي ڪان پوءِ حضرت سيدنا حسن بصري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه خواب ۾ ھڪ ڇوڪريءَ کي ڏٺو. جيڪا جنّت ۾ ھئي ۽ ان جي مٿي تي تاج (Crown) پاتل ھو. ان چيو: ڇا اوھان مون کي نہ سڃاتو، مان انھيءَ عورت جي ڌيءُ آھيان، جنھن اوھان کي منھنجي حالت ٻڌائي ھُئي، حضرت حسن بصري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمايو: ڪھڙي سبب جي ڪري آئون توھان جي حالت بدليل ڏسي رھيو آھيان؟” مرحومہ چوڻ لڳي: قبرستان جي قريب کان ھڪ شخص گذريو ۽ ان شخص نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي درود شريف موڪليو، ان جي درود شريف جي برڪت سان الله پاڪ اسان 550 قبر وارن تان عذاب ڪٽي ورتو. (مڪاشفة القلوب، الباب السابع، ص ۴۲ بتغير قليل)

لاج رکھ لے گنہگاروں کی نام رَحمٰن ہے ترا یاربّ!
بے سبب بخش دے نہ پوچھ عمل نام غفّار ہے تِرا یاربّ!

(ذوقِ نعت،ص۸۴)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پھريان سُٺيون سُٺيون نِيّتون ڪري وٺون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: ”نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ“ يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بھتر آھي. (المعجم الڪبير،سھل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**ٻہ مدني گُل:** (1) بغير سُٺي نيّت جي ڪنھن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناھي ملندو. (2) جيتريون سُٺيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

### بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❖ نگاھون جھڪائي پوري توجھ سان بيان ٻڌندس ❖ ٽيڪ لڳائي ويھڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگھيو ٻئي گوڏا وڇائي ويھندس ❖

ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❖ ڏِڪو وغيره لڳو ته صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اَٽڪڻ کان بچندس ❖ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذکُرُوالله , تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❖ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ❖ **اڄ** شبِ بَراءَت آهي، بَراءَت جو مطلب آهي ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ، آزادي حاصل ڪرڻ، نجات ماڻڻ. ته ڄڻ ❖ **اڄ** جهنم کان آزادي حاصل ڪرڻ جي رات آهي، ❖ **اڄ** عذابِ قبر کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ جي رات آهي، ❖ **اڄ** الله جي عذاب کان هميشه جي نجات حاصل ڪرڻ جي رات آهي. ❖ **اڄ** الله پاڪ جون رحمتون ماڻڻ جي رات آهي، ❖ **اڄ** ٻلائين وري رات آهي، ❖ **اڄ** دعائن جي قبوليت واري رات آهي، ❖ **اڄ** بخشش ماڻڻ واري رات آهي، ❖ **اڄ** سعادت منديون پنهنجي نانءُ لکرائڻ جي رات آهي، ❖ **اڄ** پنهنجي گناهن کان معافي گهرڻ جي رات آهي، ❖ **اڄ** ربّ ڪريم کي راضي ڪرڻ جي رات آهي، ❖ **اڄ** سچي ۽ پڪي توبه ڪرڻ جي رات آهي. انهيءَ مناسبت سان اڄ اسان سچي توبه بابت ڪجھ مدني گل ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪنداسين، اچو! سڀ کان پهريان سچي توبه بابت هڪ حڪايت ٻڌون ٿا:

## دل تي اثر ٿي ويو

الله جي ولي، حضرت شيخ فريدُ الدين عطّار رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه پنهنجي ڪتاب ”تذڪرة الاوليا“ ۾ هڪ بزرگ جي دنيا کان منهن موڙڻ ۽ ربّ جي عبادت ڏانهن مشغول ٿيڻ جو واقعو ڪجھ هن طرح بيان ڪيو آهي ته اهو بزرگ هيرن ۽ جواهرن جو هڪ تمام وڏو واپاري هو. پنهنجو مال دولت ڪٽي وڏن وڏن بادشاهن، اميرن ۽ وزيرن وٽ ويندو هو. هڪ ڀيري پنهنجي واپار جي

سلسلي ۾ رُوم جي بادشاهہ وٽ ويو، اتي پهتو تہ بادشاهہ پنهنجن وزيرن ۽ اميرن سان گڏ ڪيڏانهن وڃي رهيو هو، ان بزرگ کي چيائين تہ اوهان بہ اسان سان گڏ هلو، اهو ساڻ گڏ هليو. تقريب (Function) ۾ شرڪت جي لاءِ بادشاهہ پنهنجي لشڪر، سردارن ۽ تمام گهڻن ماڻهن کي وٺي هڪ ريگستان جهڙي جهنگ ۾ هليو ويو. اهو بزرگ ڳالهہ ڪري ٿو تہ مون ڏٺو تہ اتي هڪ خوبصورت خيمو لڳل آهي، فوج ان خيمي جي چوڌاري مَوجود آهي. ان خيمہ جي ويجهو بادشاهہ ۽ ان جا سمورا همراهہ بيهي رهيا. (1) ٿوري دير ڪانپوءِ فوج جي جنگجو بهادر، شجاع سپہ سالارن تي مشتمل هڪ لشڪر ان خيمي ۾ داخل ٿيو، انهن جي ڪجهہ نہ ڪجهہ ڳالهائڻ جو آواز تہ اَچي رهيو هو پر ان جو مفهوم واضح سمجهہ ۾ نہ پئي آيو. اهو لشڪر خيمي ۾ ٿوري دير ترسي ٻاهر نڪري آيو. (2) پوءِ ان کان بعد پوڙهن ماڻهن جو هڪ ٽولو اندر ويو اهو ٿوري دير اندر ترسي ٻاهر اچي ويو.(3) پوءِ راهبن ۽ پادرين تي مشتمل هڪ ٽولو اندر ويو، انهن بہ اتي ڪجهہ چئي ٿوري دير ۾ واپس موٽي آيا. (4) پوءِ حسين ۽ جميل ڇوڪرين جو هڪ ٽولو آيو، اهو ان خيمي جي اندر ويو ۽ اتي ڪجهہ چئي ٿوري دير کان پوءِ ان ڇوڪرين جو اهو ٽولو بہ ٻاهر اچي ويو.(5) ان کان پوءِ وزيرن سان گڏ بادشاهہ پاڻ ان خيمي ۾ ويو اندر وڃي ڪجهہ دير کان پوءِ موٽي آيو ۽ تقريب ختم ٿي وئي.

اهو بزرگ ڏاڍو حيران ٿيو تہ اها ڪهڙي تقريب آهي، نہ ڪو جشن آهي، نہ ڪو شور شرابو آهي، نہ ڪا راند روند آهي، نہ وري ڪوئي تماشو آهي، نہ ڪوئي محفلِ رنگ ۽ ساز آهي، نہ ڪو موسيقي آهي، نہ ڪو گوڙ شور آهي، مطلب تہ ڪجهہ بہ تہ نہ آهي، اها ڪهڙي طرح جي تقريب آهي. واپس موٽي بزرگ بادشاهہ جي ڪنهن وزير کان پڇيو تہ: اها ڪهڙي نموني جي تقريب هئي؟ ان تي ان وزير جواب ڏنو: تہ اي ادا! ڳالهہ دراصل هي آهي تہ اهو جيڪو خيمو هو، اُن خيمي ۾ هڪ قبر آهي، اها قبر ان بادشاهہ جي هڪ جوان پٽ جي آهي. ڪجهہ سال پهريان بادشاهہ جو جوان پٽ فوت ٿي ويو هو، اهو

شهزادو گهڻو خوبصورت هو، هر طرح جي علم ۽ فن ۾ ماهر هو، ميدانِ جنگ جو ماهر، وڏو دلير ۽ بهادر هو، اوچتو اهو بيمار ٿي پيو، وڏن وڏن ماهر حڪيمن کان ان جو علاج ڪرايو ويو پر سيئي عاجز اچي ويا ۽ بالآخراهو شهزادو مري ويو. هر سال ۾ هڪ ڀيرو بادشاهه ان جي قبر تي ايندو آهي.(1) سڀ کان پهريان وڏا وڏا سپہ سالار هن خيمي جي اندر ويندا آهن ۽ وچي چوندا آهن: ”اي معزز شهزادا! جيڪڏهن اسان جي طاقت جي ذريعي، جيڪڏهن اسان جي اسلحي جي ذريعي، جيڪڏهن اسان جي تِيرن ۽ تلوارن جي ذريعي، جيڪڏهن اسان جي قوت ۽ طاقت جي ذريعي، جيڪڏهن اسان جي لشڪر ۽ فوج جي ذريعي توهان کي موت جي چنبي مان بچائي سگهجي ها تہ اسان پنهنجي سڄي طاقت لڳائي ڇڏيون ها، پنهنجو سڄو زور لڳايون ها، سڄو اسلحو خرچ ڪيون ها ۽ توهان کي موت جي منهن کان بچائي وٺون ها، پر **ڳالهہ هي آهي تہ جڏهن موت ايندو آهي تہ نہ لشڪر ڪم ايندا آهن، نہ طاقت ڪم ايندي آهي ۽ نہ هٿيار ڪم ايندو آهي.** اهو چئي ڪري اهي هليا ويندا آهن.(2) پوءِ ان کان بعد پوڙها ويندا آهن جيڪي ملڪ جا چُونڊيل طبيب ۽ ڊاڪٽر هئا اهي بہ وچي انهيءَ طرح جا جملا چوندا آهن تہ اي شهزادا! جيڪڏهن اسان جي طِب جي ذريعي، جيڪڏهن اسان جي دوائن جي ذريعي، جيڪڏهن اسان جي مهارت جي ذريعي، جيڪڏهن اسان جي سمجهہ داري جي ذريعي، جيڪڏهن اسان جي سڄي زندگي جي تجربن جي ذريعي توکي موت جي منهن کان بچائي سگهجي ها تہ اسان تمام دوائون لڳائي ڇڏيون ها، تمام مهارتون خرچ ڪيون ها، زندگي جا تمام تجربات ڪم آڻي توکي موت جي منهن کان بچايون ها، پر **ڳالهہ هي آهي تہ جڏهن موت ايندو آهي تہ نہ طِب ڪم ايندو آهي نہ طبيب ڪم ايندو آهي، نہ دوا ڪم ايندي آهي نہ دوا بنائڻ وارو ڪم ايندو آهي ۽ موت زندگي کي ختم ڪري ڇڏيندو آهي.**(3) پوءِ ان کان بعد اسان جا وڏا وڏا عالم ان وٽ ويندا آهن ۽ وچي چوندا آهن تہ اي شهزادا! جيڪڏهن اسان جي دعائن جي ذريعي، جيڪڏهن اسان جي علم جي ذريعي، جيڪڏهن اسان

جي سفارش جي ذريعي ۽ جيڪڏهن اسان جي شفاعت جي ذريعي توکي موت کان بچائي سگهجي ها تہ اسان اهو سڀ ڪجهہ ڪيون ها ۽ توهان کي هن حال تائين نہ پهچڻ ڏيون ها، **پر ڳالهہ هي آهي تہ موت جڏهن ايندو آهي تہ نہ شفاعت ڪم ايندي آهي، نہ سفارش فائدو ڏيندي آهي ۽ نہ ئي دعائون ڪارگر ٿينديون آهن ۽ موت جڏهن پنهنجو شڪار ڪندو آهي تہ مهلت ناهي ڏيندو.** اهو چئي اهي بہ هليا ويندا آهن (4) پوءِ حسين ۽ جميل ڇوڪرين جو هڪ ٽولو اندر ويندو آهي ۽ اهي وڃي ان شهزادي جي قبر تي چونديون آهن.''اي شهزادا! جيڪڏهن اسان جي حُسن ۽ جمال جي ذريعي، جيڪڏهن اسان جي ادائن جي ذريعي، جيڪڏهن اسان جي جواني جي ذريعي ۽ جيڪڏهن اسان جي رنگ ۽ روپ جي ذريعي توهان کي موت جي منهن مان بچائي سگهجي ها تہ اسان سڀئي پنهنجون جوانيون قربان ڪري ڇڏيون ها. **پر حقيقت اها آهي تہ جڏهن موت ايندو آهي تہ ڪا شيءِ بہ ان کي ٽاري ناهي سگهندي.** اهو چئي اهي بہ هليون ويندون آهن. (5) ان کان پوءِ بادشاهہ وزيرن سان گڏ اندر ويندو آهي، ۽ بادشاهہ بہ اهي ئي جملا چوندو آهي تہ اي پٽڙا! جيڪو ڪجهہ مون وٽ هو اهو سڀ مون توکي ڏنو ۽ سڀ ڪجهہ ڏيڪاري ڇڏيو، جيڪڏهن اها بادشاهت، جيڪڏهن اها وزارت، جيڪڏهن اها طاقت، جيڪڏهن اها شان ۽ شوڪت، جيڪڏهن اها جاهہ ۽ حَشمَت، جيڪڏهن اهو سڀ ڪجهہ توکي موت جي منهن مان بچائي سگهي ها تہ مان سڄو ملڪ تو تي قربان ڪري ڇڏيان ها، بادشاهت تو تي قربان ڪري ڇڏيان ها پر توکي زنده رکان ها، پنهنجي اکين آڏو رکان ها، تو کي مرڻ نہ ڏيان ها، **پر حقيقت اها ئي آهي تہ جڏهن موت ايندو آهي تہ بادشاهہ جي بادشاهت ناهي بچائي سگهندي، وزيرن جي وزارت ناهي بچائي سگهندي، طبيبن جي طِب ناهي بچائي سگهندي، طاقتورن جي طاقت ناهي بچائي سگهندي، حسينائن جو حُسن ۽ جمال ناهي بچائي سگهندو، مطلب تہ! دنيا جي ڪا بہ شيءِ موت کان نٿي بچائي سگهي.** بادشاهہ اهي جملا چوندو آهي ۽ پوءِ ٻيهر هڪ سال جي لاءِ الوداع چئي موٽي ايندو آهي.

اُن بزرگ جڏھن اھي جملا ٻڌا تہ دل ۾ خوفِ خدا پيدا ٿيڻ لڳس ۽ سوچڻ لڳو تہ ھي جيڪو مال ۽ دولت مان گڏ ڪري رھيو آھيان، اھي جيڪي دنيا جون آسائشون گڏ ڪري رھيو آھيان، اھو جيڪو اولھ اوڀر ۾ واپار ڪري رھيو آھيان، اھو جيڪو ھر وقت مال گڏ ڪرڻ ۾ لڳل آھيان، اھو جيڪو ھر وقت تجوريون ڀري رھيو آھيان، ھي جيڪي وڏا وڏا سفر ڪري جيڪي پيسا ڪمائي رھيو آھيان ۽ ھيرن موتين کي ڏسي خوش ٿي رھيو آھيان، انھن جي چمڪ ڏمڪ مون جي خوشي وڌائيندي آھي، ايترو سڀ ڪرڻ ڪان پوءِ بہ جيڪڏھن موت جو شڪار ٿيڻو آھي تہ پوءِ ھن غفلت ۾ پوڻ جي ضرورت ئي ڪھڙي آھي. اھو چئي سمورو مال، تمام ھيرا جواھر الله پاڪ جي راھ ۾ صدقو ڪري ڇڏيائين ۽ دنيا ڪان لاتعلق ٿي الله پاڪ جي عبادت ۽ رياضت ۾ مگن ٿي ويو ۽ گوشہ نشيني اختيار ڪري ورتائين ۽ ان ڪان پوءِ ڪڏھن بہ سندن کي کلندي نہ ڏٺو ويو. (تذکرۃ الاولیا، ص۳۴ تا ۳۶ بتغیر)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! واقعي حقيقت اھا ئي آھي تہ ❖ **موت** کي بادشاھ جي بادشاھت نٿي روڪي سگھي. ❖ **موت** کي وزيرن جي وزارت نٿي روڪي سگھي. ❖ **موت** کي دانشورن جي عقل ۽ دانشمندي نٿي روڪي سگھي. ❖ **موت** کي حسينائن جو حُسن ۽ جمال نٿو روڪي سگھي. ❖ **موت** کي طبيبن جي طِبّ ۽ دوا نٿي روڪي سگھي. ❖ **موت** کي عالمن جي سفارش ۽ دُعا نٿي روڪي سگھي. ❖ **موت** کي بھادرن جي بھادري نٿي روڪي سگھي. ❖ **موت** کي طاقتورن جي طاقت نٿي روڪي سگھي. تنھنڪري عقلمند اھو ئي آھي جيڪو موت اچڻ ڪان پھريان پھريان ان جي تياري ڪري وٺي. اَميرِ اھلسنّت،باني دعوتِ اسلامي دَامَتْ بَرَکَاتُہُمُ الْعَالِیَہ اسان کي خوابِ غفلت ڪان بيدار ڪندي فرمائن ٿا:

اے مِرے بھائیو سب سُنو دھر کے کاں　　عیش و عِشرَت کی اُڑ جائیں گی دھجیاں
آخِرت کی کرو جلد تیّاریاں　　مَوت آ کر رہے گی تمہیں بے گُماں

موت کا دیکھو اِعلان کرتا ہوا سُوئے گورِ غَریباں جنازہ چلا
کہتا ہے، جامِ ہستی کو جِس نے پیا وہ بھی میری طرح قبر میں جائیگا
تم اے بوڑھو سنو! نوجوانو سُنو! اے ضعیفو سُنو! پہلوانو سُنو!
موت کو ہر گھڑی سَر پہ جانو سُنو جَلد تَوبہ کرو میری مانو سُنو!

(وسائلِ بخشش مرمم، ص۶۵۴)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اهي بزرگ حضرت سَيِدُنا خواجہ حسن بصري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه هئا، شروع ۾ پاڻ هيرن موتين جو واپار ڪندا هئا پر اهو ئي واقعو سندن دنيا کان بي رغبتي جو سبب بڻيو ۽ ان کان پوءِ پاڻ اهڙي عبادت ۽ رياضت ڪيائون جو وقت جي تمام اوليائن تي سبقت حاصل ڪري ويا. (تذکرة الاوليا، ص۳۴ و ۳۶)

## موت اچي ڪري ئي رهندو ياد رک

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! هن حڪايت مان اهو مدني گل حاصل ٿيو تہ موت کان فرار ٿيڻ ممڪن ئي ناهي، موت بَر حق آهي، موت هڪ اهڙي حقيقت آهي جنهن جو اِنڪار مُمڪن ناهي. يقيناً جنهن جاندار زِندگي جو جام پيتو آهي ان کي موت جو پيالو بہ پيئڻو آهي. اَمير هجي يا غريب، بادشاهہ هجي يا وزير، چوڪيدار هجي يا دُڪاندار، پروفيسر هجي يا اڻ پڙهيل، عالِم هجي يا غيرِ عالِم، مُسلم هجي يا غير مُسلم جنهن بہ حيثيت وارو ڪوئي انسان هجي ان کي ضرور موت جو مزو چکڻو پوندو. اسان دُنيا جي ڪنهن بہ ڪنڊ ۾ پهچي وڃون ۽ پنهنجي طور تي موت کان بچڻ جي لاءِ چاهي ڪيترا ئي انتظام ڪريون، پر موت ڪان ڪنهن بہ صورت ۾ پيڇو نٿا ڇڏائي سگهون . قرآنِ پاڪ ۾ اهو ئي مضمون ڪيئي هنڌن تي بيان ٿيو آهي. جيئن سيپاري 4 آلِ عمران جي آيت نمبر 185 ۾ اِرشاد آهي.

كُلُّ نَفْسٍ ذَآىِٕقَةُ الْمَوْتِ ؕ (پ ۴، آلِ عمران: ۱۸۵)

تَرجموڪنز الايمان: هر ساهه واري کي موت چکڻو آهي

حڪيمُ الاُمَّت، مُفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه هن آيت سڳوري تحت فرمائن ٿا: اِنسان هجن يا جِنّ يا ملائڪ، اللّٰه پاڪ کان سِواءِ هر هڪ کي موت اچڻو آهي ۽ هر شيء فاني آهي. (نورُالعرفان ،ص۱۱۷)

جڏهن ته قرآنِ پاڪ ۾ هڪ ٻي هنڌ تي سيپاري 5 سُورَۃ النّسَاء آيت نمبر 78 ۾ اِرشادِ باري تعالٰي آهي:

اَيْنَ مَا تَكُوْنُوْا يُدْرِكْكُّمُ الْمَوْتُ وَ لَوْ كُنْتُمْ فِيْ بُرُوْجٍ مُّشَيَّدَةٍ ؕ (پ ۵، النساء:۷۸)

تَرجمو كنز الايمان: توهان جاتي بہ هُجو موت توهان کي اچِي پُهچندو جيتوڻيڪ مضبُوط قلعن ۾ هُجو

هن آيت سڳوري تحت تَفسيرِ نعيمي ۾ آهي تہ هر شخص جي موت جو وَقت، موت جو هنڌ مُقَرَّر آهي، ڪو ان مان ڪنهن تدبير (Plan) ۽ ڪنهن حِيلي سان بچي نٿو سگهي، توهان جتي بہ رهو پنهنجي وَقت تي موت توهان کي ضَرور پهچندو چاهي توهان مَضبُوط قلعن يا آسمان جي بُرجن ۾ پهچي وڃو، زِندگي جي لاءِ ڪيترائي حِفَاظَتي سامان ٺاهيو پر مرندؤ ضَرور. (تفسيرِ نعيمي، ج۵، ص۲۴۲)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! آيت سڳورين ۽ انهن جي تفسيرن مان معلوم ٿيو تہ موت جو ڏينهن مُقرَّر آهي. ❖ اسان چاهي ڪهڙن ئي مَضبُوط گهرن ۾ پاڻ کي بند ڪري ونون، موت هڪ ڏينهن اچي رهندو آهي ❖ اسان چاهي ڪيتري ئي بلند ۽ بالا جڳهن تي هليا وڃون، موت هڪ ڏينهن اچي رهندو آهي ❖ اسان چاهي ڪيتري ئي مضبوط سيڪيورٽي ۽ حفاظت جو بندوبست ڪري ونون، موت هڪ ڏينهن اچي رهندو آهي ❖ اسان چاهي ڪيترا ئي طاقتور ۽ دلير ٿي وڃون، موت هڪ ڏينهن اچي رهندو آهي ❖ اسان چاهي ڪيترا ئي هوشيار ۽

چالاڪ ٿي وڃون، موت هڪ ڏينهن اچي رهندو آهي ❖ اسان چاهي موت کان بچڻ جون جيتريون به ترڪيبون ڪيون موت هڪ ڏينهن اچي رهندو آهي، مطلب تہ! ❖ اسان چاهي موت کان بچڻ جون جيتريون بہ ترڪيبون ڪري وٺون موت هڪ نہ هڪ ڏينهن اچي رهندو آهي.

ٿورو سوچيو اهو ڪهڙو منظر هوندو ❖ جڏهن اسان جو روح اسان جي بدن جو ساٿ ڇڏي رهيو هوندو، ❖ موت جا ملائڪ رڳ رڳ مان روح ڪڍي رهيا هوندا، ❖ اسان جا هوش حواس خَطا ٿي چڪا هوندا، ❖ اسان سڀ سمجهي رهيا هونداسين پر ڳالهائڻ جي طاقت نہ هوندي، ❖ مال ۽ دَولت، بنگلو گاڏي، بينڪ بيلنس، اهل ۽ عيال، زال ۽ اولاد، دولت ۽ اسباب سيئي هڪ هڪ ٿي ڪري جدا ٿي رهيا هوندا، ❖ اسان جو جسم ٿڌو ٿي رهيو هوندو، ❖ ڪُڙِي کان ڪُڙِي ملائي ويندي، ❖ زبان تارون کان لڳي رهي هوندي، ❖ اکين جا دوڏا متي ڏانهن وڃي رهيا هوندا، ❖ متو هڪ پاسي لڙڪڻ لڳندو، ❖ چپ سڪي رهيا هوندا، ❖ زَبان سُڪڙجي رهي هوندي، ❖ آڱريون نيريون ٿي رهيون هونديون، ❖ جسم جو ڳاڙهو ۽ سفيد رنگ مٽيالي رنگ ۾ بدلجي رهيو هوندو، مطلب تہ عجيب بيوسي جو منظر هوندو. غور ڪريو! ان وَقت اسان تي ڇا گذري رهيو هوندو. ان وقت تڪليف تہ ايتري شدت جي هوندي جو اَلاَمان وَالْحَفِيظ!

امام غزالي رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه سڪرات جي وَقت جي تڪليف ڪي بيان ڪندي فرمائن ٿا: جيڪڏهن جِسم جي هڪ رڳ بہ ڇڪي وڃي تہ تمام گهٽي تڪليف ٿيندي آهي. ٿورو غور تہ ڪيو تہ (مَوت جي وَقت) سچي رُوح ڪي هڪ رَڳ مان نہ بلڪ هر هر رَڳ مان ڪڍيو ويندو آهي تہ ڪيتري قَدر تڪليف ٿيندي هوندي؟ ۽ پوءِ آهستہ آهستہ جسم جي هر هر حصي تي موت طاري ٿيندو آهي، پهريان پير ٿڌا ٿيندا آهن پوءِ پيڏيون ۽ پوءِ رانون ٿڌيون ٿينديون آهن ۽ ايستائين جو جِسم جي هر هر حصّي کي سختي کان پوءِ وري سختي ۽ تڪليف کان پوءِ وري تڪليف کي منهن ڏيڻو پوندو آهي، ايستائين جو رُوح

نڙيءَ تائين چڪيو ويندو آهي، اهو ئي اهو وَقت هوندو آهي جڏهن مرڻ واري جون اُمّيدون دُنيا ۽ دُنيا وارن کان ختم ٿي ويندیون آهن پوءِ حسرت ۽ شرمساري ان کي چئني پاسن کان گهيري وٺندي آهي. (احياءالعلوم،٢٠٨/٥ ملتقطاً)

نَزع میں رَبِّ غفّار تُجھ سے مَوت سے قبْل بیمار تجھ سے
طالبِ جَلوۂ مُصطفٰے ہے یاخُدا! تُجھ سے میری دُعا ہے
وِردِ لَب کلمۂ طَیِّبَہ ہو اور ایمان پر خاتِمہ ہو
آگیا ہائے وَقتِ قضا ہے یاخُدا! تجھ سے میری دُعا ہے

(وسائلِ بخشش مرمم، ص ١٣٥، ١٣٧)

## موت کان پهريان سچي توبهہ ڪريو

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ❖ **هن کان پهريان جو** اسان بہ سڪرات جي دَردناڪ ڪيفيت ۾ مبتلا ٿي وڃون، ❖ **هن کان پهريان جو** روح نڪرڻ جي تڪليف سان اسان جو جسم بہ مفلوج ٿي وڃي، ❖ **هن کان پهريان جو** اسان کي بہ موت جا ملائڪ گهيري وٺن، ❖ **هن کان پهريان جو** موت جو وقت اچي پهچي ۽ توبهہ جو دروازو بند ٿي وڃي، ❖ **هن کان پهريان جو** حسرت ۽ ندامت اسان کي گهيري وٺي، اسان کي الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ سچي توبہ ڪرڻ گهرجي. اسان کي موت اچڻ کان پهريان پهريان الله پاڪ کان پنهنجي گناهن جي معافي گهرڻ گهرجي. اڄ جي رات تہ هونئن بہ پنهنجن گناهن کي بخشرائڻ جي رات آهي، اڄ جي رات تہ هونئن بہ الله پاڪ کي راضي ڪرڻ جي رات آهي، تنهنڪري پنهنجي گناهن کان سچي توبهہ ڪريو. گناهہ انسان کان ئي ٿيندا آهن پر گناهن تي قائم رهڻ، انهن تي اِصرار ڪرڻ ۽ توبہ کان منهن موڙڻ تمام وڏي حماقت آهي، مؤمن جو شان اهو آهي جو جيڪڏهن ان کان ڪوگناهہ سَرزَد ٿي وڃي تہ يڪدم توبهہ ڪندو آهي، پوءِ گناهہ ٿي وڃي تہ هو وري توبهہ ڪندو آهي، وري گناهہ ٿي وڃي تہ وري هو توبهہ ڪندو آهي،

مطلب تہ بار بار توبهه ڪرڻ ايمان جي تقاضن مان هڪ تقاضا آهي. الله پاڪ قرآنِ پاڪ ۾ ڪيئي هنڌن تي توبہ ڪرڻ ۽ پنهنجن گناهن کان معافي گهرڻ جو حڪم فرمايو آهي ۽ جيڪي ماڻهو الله پاڪ جي بارگاهه ۾ سچي توبہ ڪندا آهن الله پاڪ انهن کان گهڻو خُوش ٿيندو آهي ۽ انهن تي پنهنجو خُصُوصِي فَضل ۽ ڪرم بہ ڪندو آهي. جيئن سيپاري 6 سُوْرَةُ الْمائِده جي آيت نمبر 39 ۾ اِرشاد آهي:

فَمَنْ تَابَ مِنْۢ بَعْدِ ظُلْمِهٖ وَ اَصْلَحَ فَاِنَّ اللّٰهَ يَتُوْبُ عَلَيْهِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿۳۹﴾

**ترجمو ڪنزالايمان**: سو جيڪو پنهنجي ظلم کانپوءِ توبہ ڪري ۽ پاڻ سُڌِري وڃي تہ الله پنهنجِي مهر (مهرباني) سان رجُوع فرمائِيندو. بيشڪ الله بخشيندڙ مهربان آهي.

تفسير ”صِراطُ الجِنان“ ۾ هن آيت سڳوري جي تحت لکيل آهي تہ توبهه نِهايت نَفيس شيء آهي، ڪيترو ئي وڏو گُناهه هجي، جيڪڏهن ان کان توبہ ڪئي وڃي تہ الله پاڪ پنهنجو حق مُعاف فرمائيندو آهي ۽ توبہ ڪرڻ واري کي آخرت جي عذاب کان نَجات ڏئي ڇڏيندو آهي. (صراط الجنان،۲/ ۴۳۰)

بڑی کوششیں کی گُنہ چھوڑنے کی
رہے آہ! ناکام ہم یاالٰہی!
مجھے سچّی توبہ کی توفیق دیدے
پئے تاجدارِ حَرَم یاالٰہی!
(وسائل بخشش مُرمّم،ص۱۱۰)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## تَوبة النّصُوح (سچي ۽ پڪي توبهہ) ڇا آهي؟

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! قرآنِ پاڪ ۾ هڪ ٻي هنڌ تي توبهہ جي ترغيب ڪجهہ هن طرح سان ارشاد ٿي آهي، جيئن سيپاري 28 سُوْرَۃا لتَّحْرِيم آيت 8 ۾ اِرشاد آهي:

يَا أَيُّهَا الَّذِينَ آمَنُوا تُوبُوا إِلَى اللَّهِ تَوْبَةً نَصُوحًا (پ۲۸،التحريم:۸)

**ترجمو ڪنزالايمان**: ڇا اي ايمان وارؤ! الله جي طرف اهڙي توبہ ڪيو جو اڳتي جي لاءِ نصيحت ٿي وڃي.

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! هن آيتِ ڪريمہ ۾ "تَوبة النَّصُوح" جو ذڪر آهي، حضرت اِبْنِ عباس رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي تہ حضرت سَيدُنا مَعاذ بن جبل رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ عرض ڪيو: يارَسُوْلَ الله "تَوْبَةً نَصُوحا" ڇا آهي؟ تہ پاڻ ڪريمن صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو تہ هن مان مُراد هي آهي تہ بانهو پنهنجن ڪيل گُناهن تي شرمسار ٿئي، پوءِ الله عَزَّوَجَلَّ کان مُعافي گهري ۽ ان گُناهہ جي طرف ڪڏهن بہ نہ موٽي جيئن کير پنهنجي ٿڻ ۾ ٻيهر ناهي موٽندو .

جڏهن تہ اَمِيرُالمؤمنين حَضرتِ سَيدُنا عُمر بن خطاب رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ کان جڏهن 'تَوْبَةً نَصُوْحا' جي باري ۾ پڇيو ويو تہ پاڻ رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ اِرشاد فرمايائون: هن مان مُراد هي آهي تہ ڪو شخص پنهنجي ڪنهن بُري عمل کان اهڙي توبہ ڪري جو وري ڪڏهن بہ ان گُناهہ ۾ نہ پوي. (درّ منثور،۸/۲۲۷)

میں کر کے توبہ پلٹ کر گناہ کرتا ہوں
حقیقی توبہ کا کر دے شَرَف عطا یا ربّ
(وسائلِ بخشش مُرمّم،ص۷۸)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو تہ تَوبةالنَّصُوح ئي سچي توبہ آهي، اي ڪاش اسان کي بہ هي توبہ ڪرڻ ۽ ان تي پابند رهڻ جي توفيق نصيب ٿي وڃي. صحابي رسول حضرت سَيِدُنا عبدالله بن مَسعُود رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن ٿا ”تَوْبَةً نَصُوْحًا“ اهڙي توبہ آهي جنهن سان سمورا گناهہ مُعاف ٿي ويندا آهن. (در منثور،۸/۲۲۷) احاديثِ طيبہ ۾ بہ توبهہ ڪرڻ جون ڪوڙ ترغيبون موجود آهن. اچو! توبہ ڪرڻ جي باري ۾ ٿي (3) حديث سڳوريون ٻڌون ٿا:

1. فرمايائون: اَلتَّآئِبُ حَبِيبُ الله توبہ ڪرڻ وارو الله پاڪ جو دوست آهي وَالتَّآئِبُ مِنَ الذَّنْبِ كَمَن لَّاذَنبَ له ۽ گناهہ کان توبہ ڪرڻ وارو ان شخص جيان آهي جنهن گناهہ ڪيو ئي نہ هجي. (نوادرالاصول للحڪيم ترمذي، الاصل السادس و المائتان،۲/ ۷۶۰،حديث:۱۰۳۰، بتقدم و تاخر)

2. فرمايائون: اللّٰه پاڪ نافرماني ڪرڻ واري جي لاءِ رات ڏينهن توبہ سان پنهنجو دَستِ رحمت ڪشاده فرمائي رکيو آهي ايستائين جو سج مغرب کان طُلُوع ٿئي. (مسلم، ڪتاب التوبة، باب قبول التوبة...الخ، ص ۱۱۳۱، حديث:۶۹۸۹ ،بتغيرقليل)

3. فرمايائون: جيڪڏهن توهان ايترا گناهہ ڪيو جو اهي آسمان تائين پهچي وڃن پوءِ توهان کي شرمساري ٿئي تہ الله پاڪ توهان جي توبہ ضرور قبول ڪندو. ( ابن ماجه ، ڪتاب الزهد، باب ذڪر التوبة،۴/ ۴۹۰،حديث : ۴۲۴۸، بتغير)

## توبهہ ڪيئن ٿيندي آهي؟

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو تہ ڪيترا ئي وڏا وڏا گناهہ هجن، شرعي تقاضن جي مطابق ڪئي ويندڙ سچي توبهہ هڪ اهڙي نعمت آهي جيڪا اللّٰه پاڪ جي رحمت سان تمام گناهن کي ڌوئي ڇڏيندي آهي. جهڙي طرح هر ڪم جا ڪجهہ تقاضا هوندا آهن، اهڙي طرح سچي توبهہ جا بہ ڪجهہ تقاضا آهن، ان جا ڪجهہ شرط آهن، جيستائين اهي شرط موجود نہ هجن تہ توبهہ سچي توبهہ نہ چئبي. عام طور اسان وٽ توبهہ جو مطلب هي ورتو ويندو آهي تہ ٻانهو ڪجهہ غلط ڪم ڪري ٿيڻ تي يڪدم اَسْتَغْفِرُالله پڙهي وٺي، يا پنهنجي مادري زبان

۾ ئي مرڪندي مرڪندي بنا ڪنهن ندامت ۽ پشيماني ظاهر ڪرڻ جي الله پاڪ جي بارگاھ ۾ ڪجهه الفاظ چوي، يا ڪنن کي پڪڙي توبهہ توبهہ جي صدا بلند ڪئي وڃي.

## سچّي توبهہ ڪنهن کي چوندا آهن؟

جڏهن تہ سچي توبهہ جي لاءِ ٽن (3) شرطن جو موجود هئڻ ضروري آهي، جيڪڏهن اهي شرط موجود نہ هجن تہ ان کي سچي توبہ نہ چونداسين: (١) ماضي تي ندامت (يعني جيڪي گناھ ٿيا آهن انهن تي شرمساري) (٢) ترڪِ گناھ (يعني گناھ کي ڇڏي ڏيڻ) (٣) اهو عزم (پڪو ارادو) ڪرڻ تہ آئنده گناھ نہ ڪندس.

(منح الروض الازهر،تعريف التوبة ومراتبها وامثلة عليها، ص۴۳۶)

اعليٰ حضرت، امامِ اهلسُنَّت امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیْه فرمائن ٿا: سچّي توبهہ جي هي معنيٰ آهي تہ گُناھ جيڪي ان جي رَبّ پاڪ جي نافرماني هئي، ان کي رب جي نافرماني سمجهي ڪري نادِم ۽ پريشان ٿي ۽ ان کي يڪدم ڇڏي ڏئي ۽ آئنده ڪڏهن بہ ان گُناھ جي ويجهو نہ وڃڻ جو سچي دِل سان پڪو عَزْم ڪري، جيڪو هن جي تَلافي جو انتظام پنهنجي هٿ ۾ هجي ان کي ادا ڪري. (فتاوي رضويه ۱۲۱/۲۱ بتغيرٍ)

## هر گناھ جي توبهہ هڪ جهڙي ناهي:

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! يادرکو! هر گُناھ جي توبهہ هڪ جهڙي ناهي هوندي آهي، ڪجهه گناھ اهڙا هوندا آهن جن جي تلافي يعني ازالو ضروري هوندو آهي. هن باري ۾ مكتبة المدينہ جي شايع ٿيل تفسير صِراطُ الجنان جلد 4 صفحي 230 تان ڪجهه مدني گل چوندڻ جي سعادت حاصل ڪيون ٿا: ياد رهي تہ هر جُرم جي توبهہ هڪ جهڙي ناهي هوندي آهي، بلڪ مُختلف جُرمن جي توبهہ بہ مُختلِف آهي جيئن جيڪڏهن الله تَعاليٰ جا حق تَلف ڪيا آهن، مثال طور نمازون قَضا ڪيون، رمضان جا روزا نہ رکيا، فرض زڪوٰة اَدا نہ ڪئي، حج فرض هئڻ جي باوُجُود نہ ڪيو، تہ انهن کان توبهہ هي آهي تہ نماز روزن

جي قضا ڪري، زڪوٰة اَدا ڪري، حج ڪري ۽ ندامت ۽ شرمساري سان الله تعاليٰ جي بارگاهہ ۾ پنهنجي غلطيءَ جي مُعافي گهري، اهڙي طرح جيڪڏهن پنهنجي ڪن ،اک، زَبان، پيٽ، هٿ پير، شرمگاهہ ۽ ٻين عضون سان اهڙا گُناهہ ڪيا هجن جنهن جو تَعلُّق الله تَعاليٰ جي حقن سان هجي، ٻانهن جي حقن سان نہ هجي، جيئن غير مَحرم عورت ڏانهن ڏسڻ، جَنابت جي حالت ۾ مسجد ۾ ويهڻ، قرآنِ مجيد کي بي وُضو هٿ لڳائڻ، شراب نوشي ڪرڻ، گانا باجا ٻڌڻ وغيره، انهن سان توبهہ ائين آهي تہ الله تعاليٰ جي بارگاهہ ۾ پنهنجي گُناهن جو اِقرار ڪندي، انهن گُناهن تي شرمساري جو اِظهار ڪندي ۽ آئنده اهي گُناهہ نہ ڪرڻ جو پُختو عزم ڪندي مُعافي طلب ڪري ۽ ان ڪان پوءِ ڪجهہ نہ ڪجهہ نيڪ عمل ڪري، ڇوتہ نيڪيون گُناهن کي مٽائي ڇڏينديون آهن ۽ جيڪڏهن ٻانهن جا حق ضايع ڪيا هجن تہ ان جون ٽي (3) صُورتون آهن.

(1) انهن حقن جو تَعلُّق صرف قرض سان ڳنڍ آهي، جئين خريد ڪيل شيءِ جي قيمت، مَزدُور جي اُجرت يا زال جو مهر وغيره. هن صُورت ۾ توبهہ جو طريقو هي آهي تہ ان حقن کي اَدا ڪري يا صاحبِ حق ڪان مُعافي گُهري.

(2) ان حقن جو تَعلُّق صرف ظُلم سان ڳنڍ آهي، جئين ڪنهن کي ماريو، گار ڏني يا غيبت ڪئي ۽ ان جي خبر ان تائين پهچي وئي. هن صُورت ۾ توبهہ جو طريقو هي آهي تہ صرف صاحبِ حق ڪان مُعافي گهري، الله ڪريم ڪان بہ معافي جي دعا گهري.

(3) ٽئين صورت هي آهي جو اُن جو تَعلُّق قرض ۽ ظُلم ٻنهي سان هجي، جيئن ڪنهن جو مال چوري ڪيو، ڦُريو، لٽيو، ڪنهن ڪان رِشوت ورتي، وياج ورتو يا جوا ۾ مال ڪٽيو وغيره. هن صورت ۾ توبهہ جو طريقو هي آهي تہ اهي حق ادا بہ ڪري ۽ صاحبِ حَق ڪان معافي بہ حاصل ڪري ۽ الله ڪريم سان بہ معافي جي دعا ڪري. جيڪڏهن توبهہ جا شرط موجود هجن تہ توبهہ ضرور قبول ٿيندي، ڇوتہ اهو رب تعاليٰ جو واعدو آهي ۽

پنهنجي واعدي جي خلاف ڪرڻ، اللّٰه تعاليٰ جي شانِ ڪريمي جي لائق ناهي. (صراط الجنان،ج۴،ص۲۳۰بتغير)

گر تُو ناراض ہوا میری ہلاکت ہو گی
ہائے! میں نارِ جہنّم میں جلوں گا یاربّ
عَفْو کر اور سَدا کے لئے راضی ہوجا
گر کرم کردے تو جنَّت میں رہوں گا یارَبّ
(وسائل بخشش مرمّم،ص۸۵)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## سچي توبھ جا فائدا

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! يقيناً سچي توبھ تڏهن ئي چئبي جڏهن ان جي شرطن تي بہ عمل ڪيو وڃي، تنهنڪري توبھ جا جيڪي بہ تقاضا هجن ان تي عمل بہ ضروري آهي. يقيناً ❖ **سچي توبھ** اللّٰه پاڪ جي نعمت آهي، ❖ **سچي توبھ** گناهن کي ڌوئڻ جو پاڻي آهي. ❖ **سچي توبھ** قربِ الٰهي ماڻڻ جو ذريعو آهي. ❖ **سچي توبھ** رحمتِ الٰهي جو حقدار ڪندي آهي. ❖ **سچي توبھ** گناهن کان پاڪ صاف ڪندي آهي. ❖ **سچي توبھ** جهنم کان بچائيندي آهي. ❖ **سچي توبھ** غضبِ الٰهي کان امن ڏياريندي آهي. ❖ **سچي توبھ** دنيا جي غمن کي بہ پري ڪندي آهي. ❖ **سچي توبھ** آخرت جي مشڪلاتن جو بہ خاتمو ڪندي آهي. ❖ **سچي توبھ** انسان جي باطن کي سٿرو ڪندي آهي. ❖ **سچي توبھ** رحمتِ الٰهي ۾ آچڻ جو ذريعو آهي. ❖ **سچي توبھ** ڪرڻ وارو اللّٰه پاڪ کي پيارو لڳندو آهي. ❖ **سچي توبھ** ڪرڻ واري جي لاءِ ملائڪ بہ استغفار ڪندا آهن. مطلب تہ! ❖ **سچي توبھ** دُنيا ۽ آخرت جي ڪوڙ فائدن جو سبب آهي. اچو! سچي توبھ ڪرڻ وارن جا ڪجھ واقعا ۽ انهن مان حاصل ٿيندڙ ڪجھ مدني گل ٻڌون ٿا:

## (1) بادشاھہ جي توبهہ

حضرتِ سيدُنا عَبَّادبن عَبَّاد مُهلَّبِي رَحْمَةُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْه فرمائن ٿا: بصره جي بادشاهن مان ڪنهن بادشاھہ امورِ سلطنت کي خير باد چئي زُهد ۽ تقويٰ جي راھہ اختيار ڪئي پر وري ٻيهر سلطنت ۽ حڪومت ڏانهن مائل ٿيو ۽ دنيا جو عيش ۽ عشرت طلب ڪرڻ جو ارادو ڪيائين. ان هڪ شاندار محل نهرايو، ان ۾ اعليٰ قسم جا قالين وڇرايائين، هر طرح جي سازو سامان سان ان عظيمُ الشان محل کي سينگاريائين، هڪ ڪمرو مهمانن جي لاءِ خاص ڪري ڇڏيائين، اتي بهترين بستر وڇايا ويندا هاء قسم قسم جا کاڌا لڳايا ويندا هئا. بادشاھہ ماڻهن کي سڏيندو هو تہ اهي عظيمُ الشّان محل ۽ بادشاھہ جي شان ۽ شوڪت ڏسي تعريف ۽ خوشامد ڪندي واپس موٽي ويندا ها. اهو سلسلو ڪافي عرصي تائين هلندو رهيو، بادشاھہ مڪمل طور تي دنيا جي رنگينين ۾ گم ٿي چڪو هو، ان جي عظيمُ الشّان محل ۾ هر طرح جا آلاتِ موسيقي ۽ راند روند جو سامان هو. هو هر وقت دنياوي مشغلن ۾ مگن رهندو هو. هڪ ڏينهن ان پنهنجي خاص وزيرن، مشيرن ۽ عزيزن کي گهرائي چيو: توهان هن عظيمُ الشان محل ۾ منهنجي خوشين کي ڏسي رهيا آهيو، ڏسو! مان هتي ڪيترو سُک چين ۾ آهيان، مان چاهيان ٿو تہ پنهنجي تمام پٽن جي لاءِ بہ اهڙا ئي عظيمُ الشان محل نهرايان توهان ڪجھ ڏينهن مون وٽ ترسو، خوب عيش ڪيو ۽ مزيد محلات بنائڻ جي سلسلي ۾ مون کي مفيد مشورا ڏيو تہ جيئن مان پنهنجن پٽن جي لاءِ بهترين محل بنائڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃان.

ان جا خاص وزير ۽ مشير ۽ عزيز ان وٽ رهڻ لڳا. ڏينهن رات راند روند ۾ مشغول رهندا ها ۽ بادشاھہ کي مشورا ڏيندا ها تہ هن طرح محل نهرايو، فُلاڻي شيء ان جي آرائش جي لاءِ گهرايو، فُلاڻي رازي سان نهرايو، مطلب تہ! روزانو انهيء طرح مشورا ٿيندا ها ۽ عظيمُ الشان محلاّت بنائڻ جون ترڪيبون سوچيندا ها. هڪ رات اهي تمام ماڻهو لهوولعب (راند روند) ۾

مشغول هئا تہ محل جي کنهن پاسي مان هڪ غيبي آواز سيني کي حيران ڪيو. ڪوئي چوڻ وارو چئي رهيو هو:

يَاَيُّهَا الْبَاقِ النَّاسِیُّ مَنِيَّتَه لَاتَاْمُلَنْ فَاِنَّ الْمَوْتَ مَكْتُوْبُ
عَلَى الْخَلَائِقِ اِنْ سَرُّوْا وَاِنْ فَرِحُوْا فَالْمَوْتُ حَتْفٌ لِذِی الْآمَالِ مَنْصُوْبُ
لَا تَبْنِيَنَّ دِيَارًا لَسْتَ تَسْكُنُهَا وَرَاجِعِ النُّسْكَ كَيْمَا يُغْفَرُ الْحُوْبُ

ترجمو: (١) اي پنهنجي موت کي وساري عمارت بنائڻ وارا! وڏيون وڏيون اميدون ڇڏي ڏي ڇوتہ موت لکيو ويو آهي .

(٢) ماڻهو چاهي پاڻ کلن يا ٻين کي کلائن، بهرحال موت انهن جي لاءِ لکيو ويو آهي ۽ تمام گهڻي اميد رکڻ واري جي اڳيان تيار بيٺل آهي.

(٣) اهڙا گهر هرگز نہ ٺاهہ جن ۾ تو کي رهڻو ئي ناهي، تُون عبادت ورياضت اختيار ڪر، تہ جيئن تنهنجا گناهہ معاف ٿي وڃن. انهن عربي شعرن جو مفهوم اردو ۾ ڪجھ هن طرح بيان ڪري سگهجي ٿو:

دِلا غافل نہ ہو یکدم، یہ دُنیا چھوڑ جانا ہے بغیچے چھوڑ کر خالی، زمین اندر سمانا ہے
تُو اپنی موت کو مت بھول، کر سامان چلنے کا زمیں کی خاک پر سونا ہے، اینٹوں کا سِرہانا ہے
جہاں کے شُغل میں شاغل، خدا کے ذکر سے غافل کرے دعویٰ کہ یہ دنیا، مِرا دائم ٹھکانا ہے
غلام اک دَم نہ کر غفلت، حیاتی پر نہ ہو غرّہ خدا کی یاد کر ہر دم، کہ جس نے کام آنا ہے

ان غيبي آواز بادشاهہ ۽ ان جي تمام ساٿين کي خوف ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو. بادشاهہ پنهنجي دوستن کي چيو: جيڪو غيبي آواز مون ٻڌو توهان بہ ٻُڌو؟ سيني گڏجي چيو: جي ها! اسان بہ ٻُڌو آهي. بادشاهہ چيو: جيڪا شيءِ مان محسوس ڪري رهيو آهيان، ڇا توهان بہ محسوس ڪري رهيا آهيو؟ پڇا ڪيائون: اوهان ڇا

محسوس ڪري رهيا آهيو؟ چيائين: مان پنهنجي دل تي ڪجهه بار محسوس ڪري رهيو آهيان. مون کي لڳي ٿو تہ اهو منهنجي موت جو پيغام آهي. ماڻهن چيو: اهڙي ڪا ڳالهہ ناهي، اوهان جي عمر دراز ٿئي! اوهان جي قسمت بلند ٿئي! اوهان پريشان نہ ٿيو. پوءِ بادشاهہ ماڻهن ڏانهن توجهہ نہ ڏني، ان جي دل چوٽ کائي چڪي هئي. غيبي آواز ان جو سڄو عيش ختم ڪري ڇڏيو، هو روئندي چوڻ لڳو: توهان منهنجا بهترين دوست ۽ ياءُ آهيو، توهان منهنجي لاءِ ڇا ڪري سگهو ٿا؟ ماڻهن چيو: عالي جاه! اوهان جيڪو چاهيو حڪم فرمايو، اوهان جو هر حڪم مڃيو ويندو. بادشاهہ شراب جا تمام ٿانوءَ ڀڃي ڇڏيا. ان کان پوءِ بارگاهِ خداوندي ۾ هن طرح عرض گذار ٿيو: اي منهنجا پاڪ پَروَردگار! مان توکي ۽ هتي موجود تنهنجن ٻانهن کي گواهہ بڻائي تو ڏانهن رجوع ۽ پنهنجي تمام گناهن ۽ زيادتين تي نادِم ٿي توبهہ ڪيان ٿو. اي منهنجا خالق! جيڪڏهن تون مون کي دنيا ۾ ڪجهه مدت اجان باقي رکڻ چاهين ٿو تہ مون کي دائمي اطاعت ۽ فرمانبرداري جي راهہ تي هلاءِ، جيڪڏهن مون کي موت ڏئي پاڻ ڏانهن سڏڻ چاهين تہ مون تي ڪرم ڪري ڇڏ ۽ پنهنجي ڪرم سان منهنجي گناهن کي بخشي ڇڏ. بادشاهہ اهڙي طرح مصروفِ التجا رهيو ۽ ان جو درد وڌندو ويو. پوءِ ان انهن ڪلمن جي تڪرار شروع ڪري ڇڏي: الله جو قسم! موت!! الله جو قسم! موت!! بس اهي ئي جملا ان جي زبان تي جاري هئا تہ ان جو انتقال ٿي ويو. ان دور جا فقهاءِ ڪرام رَحۡمَةُ اللّٰه عَلَيۡهِم اَجۡمَعِين فرمائيندا هئا: هن بادشاهہ جو خاتمو تَوبهہ تي ٿيو آهي. (عيون الحڪايات ،ص۴۰۴ ملخصاً)

ياخُدا ميری مغفرت فرما باغِ فردوس مَرحَمت فرما
تُو گُناہوں کو کر مُعاف اللہ! ميری مقبول مَعذرت فرما
مُصطفٰے کا وسيلہ توبہ پر تُو عنايت مُداوَمت فرما

(وسائلِ بخشش مُرمّم،ص۷۵)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## خوفِ خدا ۽ توبهه

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! غور ڪريو! اهو بادشاهه جيڪو دنيا جي رنگينين ۾ مست ٿي ويو، پنهنجي آخرت ۽ قبر کي وساري ويٺو، آخر ۾ ان تي ڪهڙو ڪرم ٿيو ۽ مرڻ کان ڪجهه دير پهريان ئي ان پنهنجي گناهن کان توبهه ڪئي ۽ رحمتِ الٰهيءَ ان کي پنهنجي آغوش ۾ ونئي ورتو. ان بادشاهه جي توبهه ڏانهن مائل ٿيڻ جي بنيادي وجهه ان غيبي آواز جو اچڻ ۽ ان جي سبب ان جي دل ۾ خوفِ خدا جو پيدا ٿيڻ هو. هن ۾ ڪو شڪ ناهي تہ جڏهن ٻانهي کي گناهن تي شرمندگي ٿئي ۽ گناهن کي ياد ڪري خوفِ الٰهي سان ان جي اکين مان لڙڪ نڪرن تہ ٻانهو توبہ ڏانهن مائل ٿيندو آهي، يقيناً ڪا اهڙي خوش قسمت گهڙي ٿيندي آهي جڏهن ٻانهي جي دل چوٽ ڪائيندي آهي ۽ ان ۾ خوفِ خدا جو جذبو بيدار ٿيندو آهي جيڪو ان کي سچي توبهه ڏانهن ونئي ويندو آهي. لهٰذا سچي توبهه جي لاءِ ضروري آهي تہ دل ۾ خوفِ خدا بيدار ڪيو وڃي. ❖ **خوفِ خدا** هڪ تمام وڏي نعمت آهي، ❖ **خوفِ خدا** جي ڪري گناهن کان بچڻ آسان ٿي ويندو آهي. ❖ **خوفِ خدا** نيڪين ڏانهن رغبت پيدا ڪرڻ جو بهترين نسخو آهي. ❖ **خوفِ خدا** ايمان جي مضبوطي جي نشاني آهي، ❖ **خوفِ خدا** الله پاڪ جي معرفت ۽ قُرب ماڻڻ جو ذريعو آهي. ❖ **خوفِ خدا** ظاهر بہ صاف ڪندو آهي ۽ باطن کي بہ جڳمڳائي ڇڏيندو آهي. ❖ **خوفِ خدا** جي برڪت سان شريعت جي پاسداري نصيب ٿيندي آهي ❖ **خوفِ خدا** کان قبر ۾ بہ اُجالا هوندا ۽ ❖ **خوفِ خدا** محشر جي پريشانين کان بہ بچائيندو. اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ.

مطلب تہ توبهه هڪ اهڙي صفت آهي جيڪا ٻانهي ۾ ڪيئي نيڪ خوبين ۽ چڱي عادتن جي پيدا ٿيڻ جو سبب آهي. اچو! اهو بہ ٻڌون ٿا تہ خوفِ خدا جي معني ڇا آهي، جيئن شيخِ طريقت،اَمِيرِ اهلسنّت،باني دعوتِ اسلامي حضرتِ علاّمہ مولانا ابُو بلال محمد الياس عطّار قادِري رَضَوِي ضِيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَة پنهنجي مايہ ناز تاليف ”ڪفريه ڪلمات کي بارے ۾ سوال جواب“ صفحي 26

تي تحريرفرمائن ٿا: ”خوفِ خدا“ مان مُراد هي آهي تہ الله پاڪ جي خفيہ تدبير، ان جي بي نيازي، اُن جي ناراضي، ان جي گِرِفت (پڪڙ)، ان جي طرفان ڏنا ويندڙ عذابن، ان جي غضب ۽ ان جي نتيجي ۾ ايمان جي بربادي وغيره کان خوف زده رهڻ جو نالو ”خوفِ خدا“ آهي. هي نيڪ صفت بہ الله جي نيڪ ٻانهن جي زندگين جو لازمي (Compulsory) جُز هوندي آهي. (شعب الايمان للبيهقي، باب في الخوف من الله تعالي، ۱/۴۸۵،حديث:۷۸۷، ازفيضانِ فاروقِ اعظم،۱/۱۵۲)

## فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جو خوفِ خدا

اَمِيرُالمؤمنين حَضرتِ سَيدُنا عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي باري ۾ منقول آهي تہ پاڻ خوفِ خدا جي سبب اڪثر گِريہ وزاري ڪندا هئا، نماز ۾ خوفِ خدا بابت آيتون ٻڌي سندن حالت غير ٿي ويندي هئي. سندن شهزادا صحابي رسول، حضرت سَيدُنا عبد الله بن عمر رَضِیَ اللہُ عَنْہُمَا فرمائن ٿا تہ: مون اَمِيرُ المؤمنين حَضرتِ سَيدُنا عمر رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي پويان نماز ادا ڪئي تہ مون 3 صفن جي پويان سندن روئڻ جو آواز ٻُڌو. (حلية الاوليا،عمر بن الخطاب، ۱/۸۸،رقم :۱۳۴)

سَيدُنا عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا: اي ڪاش! مان ڪجهہ بہ نہ هجان ها، اي ڪاش! مان ڪا وسارڻ جهڙي شيء هجان ها. هڪ ڀيري پاڻ زمين تان هڪ مٽي جو ڀتر کنيو ۽ فرمايائون: ”اي ڪاش! مان مٽي جو ڀتر هجان ها، اي ڪاش! منهنجي ماءُ مون کي نہ ڄڻي ها، اي ڪاش! مان ڪجهہ بہ نہ هجان ها، اي ڪاش! مان وساريل شيءِ هجان ها. (مصنف ابن ابي شيبة، كتاب الزهد، كلام عمر بن خطاب، ۸/۱۵۲، حديث:۳۹)

| | |
|---|---|
| کاشکے نہ دنیا میں پیدا میں ہوا ہوتا | قبر و حشر کا ہر غم ختم ہو گیا ہوتا |
| آہ! سَلبِ ایماں کا خوف کھائے جاتا ہے | کاشکے مِری ماں نے ہی نہیں جنا ہوتا |

(وسائلِ بخشش مرمّم،ص۱۵۸)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

اي عاشقانِ صحابہ و اهل بيت! اسان سچي توبهہ جا واقعا ٻُڌي رهيا

هئاسون، هاڻي اسان اَمِيرُالمؤمنين حَضرتِ سَيدُنا عمرفاروق اعظم رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جي خوفِ خدا جي باري ۾ پڙهو. اچو! بني اسرائيل جي هڪ شخص جي سچي توبهہ جو هڪ واقعو پڙهون ٿا .

## (2) ڪفل نالي شخص جي توبہ

حضرت سَيدُنا عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ فرمائن ٿا، مون ست کان بہ وڌيڪ ڀيرا رسول اللّٰه صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي اهو واقعو بيان فرمائيندي ٻڌو. ’’بني اسرائيل ۾ ڪفل نالي هڪ شخص هو جيڪو ڪنهن بہ گناهن کان نہ بچندو هو، ان وٽ هڪ (مجبور) عورت آئي تہ هن ان کي سٺ (60) دِينار هن شرط تي ڏنا تہ هو ان سان بدڪاري ڪندو، پوءِ جڏهن ڪفل نالي اهو شخص ان عورت سان بدڪاري ڪرڻ جي لاءِ وينو تہ اها عورت ڏڪڻ لڳي ۽ روئڻ لڳي، ڪفل ان کان پڇا ڪئي: ”توکي ڪهڙي شيء رُئاريو آهي؟ ڇا مون تو کي مجبور ڪيو؟“ تہ عورت جواب ڏنائين: ”اهڙي ڳالهہ ناهي، پر مون اهڙو ڪم ڪڏهن ناهي ڪيو، بلڪ مون کي صرف حاجت ان تي مجبور ڪيو آهي.“ تہ ڪفل چيائين: ”توکي اهو ڪم ڪرڻو پئجي رهيو آهي جڏهن تہ تو پهريان ڪڏهن اهو ڪم ناهي ڪيو، وڃ ۽ اهي دِينار بہ تنهنجا آهن.“ ۽ ان قسم کڻي چيو: ”اللّٰه پاڪ جو قسم! مان هاڻي ڪڏهن نافرماني نہ ڪندس.“ پوءِ ائين ٿيو تہ انهيءَ رات ئي ڪفل مري ويو. فَأَصْبَحَ مَكْتُوبًا عَلَي بَابِهِ، صبح ان جي گهر جي دروازي تي لکيل هو: ”إِنَّ اللَّهَ قَدْ غَفَرَ لِلْكِفْلِ بيشڪ اللّٰه پاڪ ڪفل کي بخشي ڇڏيو آهي.“ (ترمذي، كتاب صفة القيامة، باب فيه أربعة أحاديث،۲۲۳/۴،حديث:۲۵۰۴ از جهنم ۾ لے جانے والے اعمال)

مِٹا دے ساری خطائیں مِری مٹا یاربّ! | بنا دے نیک بنا! نیک دے بنا! یاربّ!
گناہگار ہوں میں لائقِ جہنّم ہوں | کرم سے بخش دے مجھ کو نہ دے سزا یاربّ!
بُرائیوں پہ پشیماں ہوں رحم فرما دے | ہے تیرے قہر پہ حاوِی تِری عَطا یاربّ!
رہائی مجھ کو ملے کاش! نفس وشیطاں سے | ترے حبیب کا دیتا ہوں واسِطہ یاربّ!

گُناہ بے عدد اور جُرم بھی ہیں لاتعداد
مُعاف کر دے نہ سہہ پاؤں گا سزا یاربّ!
میں کر کے توبہ پلٹ کر گناہ کرتا ہوں
حقیقی توبہ کا کر دے شَرَف عطا یاربّ!

صَلُّوۡاعَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## توبهہ ڪري وٽ رب جي رحمت وڏي آهي

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! هن حڪايت مان معلوم ٿيو تہ ڀانهو ڪيترو ئي گناهگار هجي، ڪيترو ئي وڏو خطاڪار هجي، جيڪڏهن هڪ ڀيري سچي توبهہ ڪري ۽ پنهنجو مٿو پنهنجي ڪريم ربّ جي بارگاهہ ۾ جهڪائي تہ الله پاڪ ان جي توبهہ قبول ڪندي ان کي معافي عطا فرمائيندو آهي. لهٰذا اسان کي گهرجي تہ مرڻ کان پهريان خوابِ غفلت کان بيدار ٿي وڃون، ❖ دنيا جي رنگينين کان پاسو ڪريون، ❖ گناهن کان ناتو ٽوڙي ڇڏيون، ❖ الله پاڪ جي نافرماني ڪرڻ کان رڪجي وڃون، ❖ نمازون قضا ڪرڻ ڇڏي ڏيون، ❖ ۽ جيڪيون نمازون رهجي ويون ان جي قضا ڪريون، ❖ بِلاعُذرِ شرعي جاٽي واٽي رمضان جا روزا نہ رکڻ جي عادت ختم ڪريون ❖ ۽ جيڪي فرض روزا مَعَاذَالله جاٽي واٽي ڇڏيا يا قضا ٿيا انهن جي توبهہ ۽ قضا ڪريون، ❖ جنهن جنهن کي تڪليف پهچائي ان کان معافي گهرون، ❖ جنهن جي دل آزاري ڪئي ان کان بہ معافي گهرون، ❖ جنهن جي بي عزّتي ڪئي آهي، اُن کان معافي گهرون، ❖ جنهن سان بدسلوڪي ڪئي آهي، ان کان معافي گهرون، ❖ جنهن جي حق تلفي ڪئي آهي، ان کان حقوق معاف ڪرايون، ❖ جيڪڏهن ڪنهن جو مال دٻايو آهي تہ ان جي تلافي ڪريون ۽ معافي گهرون، ❖ جيترا ڪوڙ ڳالهايا ان کان توبہ ڪريون، ❖ جن جون غيبتون ۽ چُغليون ڪيون آهن، انهن کان معافي گهرو، ❖ جن جي راهن ۾ ڪنڊا وڇايا (يعني جاٽي واٽي ڪنهن کي تڪليف ۾ وڌو) انهن کان معافي گهرون، ❖ جن جي عيبن (ڪمزورين، غلطين) کي لڪائڻ جي بدران ماڻهن ۾ عام ڪيو آهي، انهن کان معافي گهرون،

مطلب تہ پنهنجي تمام گناهن کان سچي توبہ ڪريون ۽ ربّ ڪريم جا اطاعت گزار ٻانها ٿيڻجي وجون ۽ هميشہ پنهنجي توبهہ تي ثابت قدم رهون. هن ڳالهہ ۾ ڪو شڪ ناهي تہ عبادتن جي ادائيگي ۽ گُناهہ کان بچڻ تي اِستِقامَت اختيار ڪرڻ، عُموماً دُشوار محسوس ٿيندو آهي. پر اها دُشواري ان وقت تائين محسوس ٿيندي آهي، جيستائين اسان جي اڳيان ڪو شخص انهن ڪي اِستِقامت سان اپنايل نہ هجي. تنهنڪري! جيڪڏهن اسان عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ٿي ويندا سين، تہ اسان کي ڪيترا ئي عاشقانِ رسول اهڙا بہ نظر ايندا جيڪي مدني انعامات جا عاملين هوندا، مدني قافلن جا مسافر هوندا، مدني مذاڪرن جا شوقين هوندا ۽ اجتماعي طور تي عبادتن تي اِستقامت حاصل ڪيل هوندا، انهن عاشقانِ رسول جي صحبت جي برڪت سان اسان بہ گُناهن کان بچڻ ۾ ڪامياب ٿي سگهون ٿا. اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ.

اَمِيرِ اهلسنّت، باني دعوتِ اسلامي حضرتِ علّامہ مَولانا ابو بلا ل محمد الياس عطّار قادِري رَضَوِي ضِيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ هئڻ جي ترغيب ڏياريندي فرمائن ٿا:

گناہگارو آؤ! سیہ کارو آؤ — گناہوں کو دیگا چھڑا مدنی ماحول
پِلا کر مئے عشق دیگا بنا یہ — تمہیں عاشقِ مصطفٰے مدنی ماحول
یقیناً مقدر کا وہ ہے سکندر — جسے خیر سے مل گیا مدنی ماحول
یہاں سُنّتیں سیکھنے کو ملیں گی — دِلائے گا خوفِ خدا مدنی ماحول

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اسان سچي توبهہ جا واقعا ٻڌي رهيا هئاسين. سچي توبهہ هڪ عظيم نعمت آهي، ڪڏهن ائين بہ ٿيندو آهي تہ سچي توبهہ،

توبهہ ڪرڻ واري سان گڏوگڏ ٻين جي فائدي جو بہ سبب بڻجي ويندي آهي.
اچو! هن بابت سچي توبهہ جو هڪ ٻيو واقعو ٻڌون ٿا:

## ايصالِ ثواب عذابِ قبر کان بچائي ورتو

هڪ عورت جو پٽ هو جيڪو گهڻو گناهگار هو. ماءُ پنهنجي هن پٽ کي نيڪي جو حڪم ڏيندي هئي، بي حيائي ۽ بُرن ڪمن کان منع ڪندي هئي (پر اهو نہ مڙندو هو) آخرڪار تقدير ان تي غالب آئي ۽ اهو گناهن جي حالت ۾ مري ويو. ان جي ماءُ کي گهڻو صدمو ٿيو تہ ان جو پٽ بغير توبهہ جي مري ويو. ان تمنا ڪئي تہ ان کي خواب ۾ ڏسي. هڪ ڀيري ان خواب ۾ پنهنجي پٽ کي عذاب ۾ مبتلا ڏٺائين تہ اها وڌيڪ غمگين ٿي وئي. جڏهن ڪجهہ مدت کان پوءِ ان ٻيهر پنهنجي پٽ کي خواب ۾ ڏٺائين تہ ان جي حالت تمام سٺي هئي ۽ اهو خوش هو. ان پنهنجي پٽ کان ان حالت بابت پڇيو تہ اي منهنجا پٽ! مون توکي عذاب ۾ مبتلا ڏٺو هو، هاڻي اهو مرتبو ۽ مقام ڪيئن مليو؟ تہ ان جواب ڏنو: اي منهنجي ماءُ! هڪ گنهگار شخص اسان جي قبرستان مان گذريو، ان قبرن ڏانهن ڏٺو ۽ ٻيهر زندهہ اٿارڻ جي باري ۾ غوروفڪر ڪيائين. مُردن کان نصيحت حاصل ڪيائين، پنهنجي لغزش تي رُنائين ۽ پنهنجي خطائن تي شرمسار ٿي الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ سچي توبهہ ڪيائين ۽ عهد ڪيائين تہ هاڻي اهو ڪڏهن بہ گناهن ڏانهن نہ موٽندو. تہ ان جي توبهہ سبب آسمان جا ملائڪ گهڻا خوش ٿيا ۽ چوڻ لڳا: سُبْحٰنَ اللّٰـه عَزَّوَجَلَّ! هن شخص پنهنجي رب سان کهڙي نہ بهترين صُلح ڪئي آهي. الله پاڪ ان جي توبهہ قبول فرمائي. پوءِ ايئن ٿيو تہ ان ڪجهہ قرآنِ ڪريم پڙهيو ۽ رحمتون ورهائڻ واري آقا، ڪرم فرمائڻ واري مصطفيٰ صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي ويهہ (20) ڀيرا دُرودِ پاڪ پڙهيو ۽ ان جو ثواب اسان سيني قبرستان وارن کي پهچايو. ان جو ثواب اسان تي ورهايو ويو تہ مون کي بہ ان مان ڀلائي ملي، جنهن سبب الله پاڪ مون کي بخشي ڇڏيو ۽ مون کي اهو مقام عطا ڪيو ويو جيڪو تون ڏسي رهي آهين. (حڪايتين ۽ نصيحتين،ص۲۷بتغيرقليل)

مغفرت کا ہوں تجھ سے سُوالی پھیرنا اپنے در سے نہ خالی
مجھ گنہگار کی اِلتجاء ہے یاخُدا تجھ سے میری دُعا ہے

صَلُّوْاعَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! هن حڪايت مان جتي اهو معلوم ٿيو ته سچي توبهہ الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ ضرور قبول ٿيندي آهي، اتي اهو بہ معلوم ٿيو تہ مرحومين جي لاءِ ڪيو ويندڙ ايصالِ ثواب جيڪڏهن صدقِ دل ۽ خلوصِ نيت سان ڪيو وڃي تہ گناهگارن جي بہ بخشش ٿي ويندي آهي. اڄ شبِ براءت آهي، ڪوڙ عاشقانِ رسول 15 شعبان جو اِهتمام سان پنهنجي مرحومين ڪي ايصالِ ثواب ڪندا آهن، يقيناً اهو هڪ وڏو فائديمند ۽ سنو ڪم آهي، جنهن سان زندن سان گڏ مُردن ڪي بہ فائدو ٿيندو آهي. مديني جي سلطان، اُمت تي مهربان، رحمتِ جهان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايائون: منهنجي اُمّت گناهہ سَميت قَبر ۾ داخِل ٿيندي ۽ جڏهن نڪرندي تہ بي گناهہ هوندي ڇوتہ اها مؤمنن جي دعائن سان بَخشي ويندي آهي. (اَلْمُعْجَمُ الْاَ وْسَط،۱/۵۰۹،حديث۱۸۷۹)

هن حديثِ پاڪ مان بہ اها ترغيب ملي رهي آهي تہ اسان پنهنجي مُردن جي لاءِ خوب ايصالِ ثواب ڪريون ۽ انهن جي لاءِ دعائون گهرون.

صَلُّوْاعَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ڪڏهن ائين بہ ٿيندو آهي تہ اجتماعي طور تي گناهن جي ڪثرت ٿي ويندي آهي، جنهن جي نحوست سان ڪڏهن بارش کان محرومي ٿي ويندي آهي تہ ڪڏهن قتل و غارت گري وڌي ويندي آهي. ڪڏهن بي برڪتي جي ڪثرت ٿي ويندي آهي تہ ڪڏهن ڏڪار اچي پوندو آهي. ڪڏهن امن جو خاتمو ٿي ويندو آهي تہ ڪڏهن دشمن جو خوف مسلط ٿي

ويندو آهي. انهن کان نجات جو طريقو اهو ئي آهي تہ اجتماعي طور تي اللّٰه پاڪ جي بارگاھ ۾ سچي توبھ ڪئي وڃي. اچو! هن طرح جو هڪ واقعو پڙهون ٿا:

## رحمت ڀري برسات جو وسڻ

هڪ ڀيرو سيوهڻ شريف (بابُ الاسلام سنڌھ) ۽ ان جي آس پاس جي علائقن ۾ شديد ڏڪار پيو ايستائين جو ڪائڻ جي ڪا شيء ڀري ڀري تائين نظر نہ ايندي هئي، نهرون خشڪ ٿي ويون، کوھ سڪي ويا، پاڻيء جو ملڻ دشوار ٿي ويو. ڏڪار جي ڪري ايتري قدر خوفناڪ صورت حال ٿي وئي جو زندھ بچڻ جي ڪا اُميد ڏسڻ ۾ نہ ايندي هئي. نيٺ علائقي وارا گڏ ٿي حضرت لعل شهباز قلندر سيد محمد عثمان مَروَندي رَحمَۃُ اللّٰہِ تَعالٰی عَلَیہ جي خانقاھ وٽ گڏ ٿيا ۽ فرياد ڪرڻ لڳا. پاڻ رَحمَۃُ اللّٰہِ تَعالٰی عَلَیہ اَمر بِالْمَعْرُوْف ۽ نَهی عَنِ الْمُنْكَر (نيڪيء جو حڪم ڏيڻ ۽ برائي کان منع ڪرڻ) جو فريضو ادا ڪندي فرمايائون: توهان سڀ اللّٰه جي بارگاھ ۾ گناهن کان سچي توبھ ڪيو ۽ مون سان گڏ دعا گهرو. ماڻهن يڪدم اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي بارگاھِ عالي ۾ پنهنجن گناهن جي معافي گهري ۽ توبھ استغفار ڪرڻ لڳا. پاڻ رَحمَۃُ اللّٰہِ تَعالٰی عَلَیہ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي بارگاھ ۾ دُعا جي لاءِ هٿ کنيا ۽ برسات ۽ خوشحالي جي دعا گهري. چيو وڃي ٿو تہ اجا حضرت لعل شهباز قلندر رَحمَۃُ اللّٰہِ تَعالٰی عَلَیہ دعا گهري پنهنجي حُجري مبارڪ ۾ داخل بہ نہ ٿيا جو اللّٰه عَزَّوَجَلَّ سندن دعا کي قبولي ورتو ۽ رحمت ڀريو مينهن وسڻ لڳو. اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي فضل وڪرم ۽ حضرت سَيدُنا لعل شهباز قلندر رَحمَۃُ اللّٰہِ تَعالٰی عَلَیہ جي دعا قبول ٿيڻ جي خوشي ۾ ماڻهن ڪاڏو پچائي غريبن ۽ مسڪينن ۾ ورهايو. حضرت سيدنا لعل شهباز رَحمَۃُ اللّٰہِ تَعالٰی عَلَیہ نمازِ عشاء جي ادائيگي کان بعد اجتماعِ ذڪرونعت جو اهتمام ڪيو ۽ ماڻهن گڏجي اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جو ذڪر ڪيو ۽ حضور پُرنور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ذات گرامي تي خوب درود ۽ سلام پيش ڪيا. (شان قلندر،ص۳۱۱ ملخصا)

## لعل شهباز قلندر جو عرس مبارک

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو تہ نيک ماڻهن سان گڏ ڪئي ويندڙ سچي توبهہ جي برڪت سان هتوهٿ ان جون برڪتون ظاهر ٿي وينديون آهن، جيئن تہ هن حڪايت ۾ اسان الله پاڪ جي هڪ ولي حضرت سَيدُنا لعل شهباز قلندر سيد محمد عثمان مروندي ڪاظمي حنفي قادري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي صحبتِ بابرڪت ۾ رهي سچي توبهہ ڪرڻ وارن جو ايمان افروز واقعو پڙهيو. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جو عُرس مبارڪ 15 شعبان جو ٿيندو آهي، اچو انهيءَ نسبت سان سندن مختصر ذِڪرِ خير بہ پڙهون ٿا.

## ولادت ۽ سلسلهء نسب

حضرت سيدنا لعل شهباز قلندر محمد عثمان مَروَندي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ساداتِ ڪرام جي مذهبي گهراڻي سان تعلق رکندا هئا. سندن ولادتِ باسعادت مشهور قول مطابق ۵۳۸ھ بمطابق 1144ء ۾ آذربائيجان جي علائقي ”مَروَند“ ۾ ٿي. (الله کے خاص بندے عبدہ، ص۵۲۳مُلخّصاً) انهيءَ مناسبت سان پاڻ کي مَروَندِي چيو ويندو آهي. سندن نالو سيد محمد عثمان آهي جڏهن تہ پاڻ پنهنجي لقب ”لعل شهباز“ سان مشهور آهن. (شان قلندر، ص۲۶۴ملخصاً) الله پاڪ کين ايتري قدر حُسن و جمال عطا فرمايو هو تہ سندن جي پيشانيءَ جي نور جي اڳيان چنڊ جي چاندوڪي بہ ڄڻ تہ بي رونق هئي. سندن نسبي سلسلو 13 واسطن سان حضرت سيدناامام جعفر صادق رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ تائين پهچندو آهي. (فيضانِ عثمان مروندي، ص۵)

پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه سيوهڻ شريف ضلع دادُو بابُ الاسلام سنڌ تشريف فرما ٿي ڪفروشرڪ جي اونداهين ۾ ڀٽڪڻ وارن کي اسلام جي پاڪيزه اُصُولن سان روشناس ڪرايائين. هن اونداهيءَ واري علائقي ۾ اسلام جي شمع روشن ڪئي. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي آمد سان بابُ الاسلام سنڌ ۾ اسلام جي روشني ڦهلجندي وئي. ماڻهو سندن پُرتاثير دعوت تي جُوق درجُوق دائره اسلام ۾ داخل ٿيڻ لڳا ۽ الله پاڪ جي احڪامن ۽ رحمت عالم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مني

منى سُنّتن جي روشنيءَ ۾ زندگي گزارڻ لڳا. پاڻ 21 شعبان المعظم ٦٧٣ (673) ھ جو وصال فرمايائون. (فيضان عثمان مروندي ،ص۴و۳۶)

## رسالو فيضانِ عثمان مَروندي لعل شهباز قلندر

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ لعل شهباز قلندر محمد عثمان مَروَندي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي سيرتِ مبارڪ تي دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ هڪ رسالو بنام **”فيضانِ عثمان مَروَندِي لعل شهباز قلندر“** شايع ڪيو آهي، سندن سيرتِ مبارڪ تي مزيد معلومات حاصل ڪرڻ جي لاءِ اڄ ئي اهو رسالو مڪتبة المدينہ جي بستي تان هَدِيو ڏئي حاصل ڪريو پاڻ بہ ان جو مُطالعو فرمايو، ٻين اسلامي ڀائرن کي بہ ان جي ترغيب ڏياريو. هن رسالي کي دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ www.dawateislami.net تان پڙهي بہ سگهجي ٿو، ڈاؤن لوڊ (*Download*) ۽ پرنٽ آؤٽ (*Print Out*) بہ ڪري سگهجي ٿو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## 12 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم ”مدني دورو“

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! نيڪ ماڻهن جي صحبت چڱي هوندي آهي، لهٰذا پنهنجي گناهن کان پڪي سچي توبہ ڪرڻ ۽ نيڪ ڪمن تي استقامت جي لاءِ اڄ ئي عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو ۽ ذيلي حلقي جي 12 مدني ڪمن ۾ وڌ کان وڌ حصو وٺو. 12مدني ڪمن مان هفتيوار هڪ مدني ڪم مدني دورو بہ آهي، مرڪزي مجلسِ شورٰي جي طرفان ڏنل طريقيڪار مطابق روزانو يا هفتي ۾ بہ (2) ڏينهن يا هفتي ۾ هڪ ڏينهن مسجد جي آس پاس ۾ گهر گهر، دڪان دڪان وڃي اتي موجود اسلامي ڀائرن ۽ راهہ ۾ بيٺل ۽ ايندڙ ويندڙ تمام افراد کي نيڪي جي دعوت پيش ڪئي ويندي آهي، ان کي ”مدني دورو“ چيو ويندو آهي. هن مدني دوري جا بيشمار فائدا آهن، مثال طور هن سان مدني ڪم وڌي ٿو، **”مدني دوري“** جي برڪت سان نوان نوان اسلامي ڀائر مدني ماحول جي

ويجهو ٿيندا آهن، ”**مدني دوري**“ جي برڪت سان **بي نمازين کي نمازي** بنائڻ جي سعادت نصيب ٿيندي آهي. ”**مدني دوري**“ جي برڪت سان اميرِ اهلسنت جي دعائن مان حصو ملندو آهي. ”**مدني دوري**“ جي برڪت سان نيڪي جي دعوت ڏيڻ جو موقعو ملندو آهي.

12 **مدني ڪمن** مان هفتيوار مدني ڪم ”**مدني دوره**“ جي تفصيلي معلومات جي لاءِ مڪتبة المدينہ جي رِسالي ”**مدني دوره**“ جو مطالعو ڪريو، تمام ذِمہ دارانِ دعوتِ اسلامي، خاص ڪري **مجلسن جا نگران ۽ اراڪان** تہ هن رِسالي جو لازمي مطالعو ڪن. اهو رِسالو مڪتبة المدينہ تي دَستياب هئڻ سان گڏوگڏ دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ www.dawateislami.net تان بہ پڙهي سگهجي ٿو.

هن رِسالي جي مطالعي جي برڪت سان اوهان کي خبر پوندي. ❖ نيڪي جي دعوت ڏيڻ جو **شرعي حڪم** ❖ نيڪي جي دعوت ڏيڻ جون 13 **فضيلتون ۽ فائدا** ❖ **فروغِ علم** جو سبب ❖ **مسجدن** جي رونق جو سبب ❖ نيڪي جي دعوت کان پهريان جي دعا ❖ **مدني دوري** جا مدني گل ❖ **مدني دوري** جو طريقو ❖ **مدني دوري** جا آداب ❖ مدني دوري بابت **مرڪزي مجلسِ شوريٰ** جي مدني مشورن جا چوند مدني گل وغيره.

اچو! ترغيب لاءِ ”**مدني دوري**“ جي هڪ مدني بهار ٻڌون ٿا، جيئن

## مدني دوري جي مدني بهار

خانپور (پنجاب) جي هڪ مُبلِّغ دعوتِ اسلامي جو بيان آهي تہ بابُ المدينہ ڪراچي مان سُنّتن جي تربيت حاصل ڪرڻ جي لاءِ تشريف فرما ٿيل مدني قافلي سان گڏ مون کي بہ مدني دورو ڪرڻ جو شرف حاصل ٿيو. هڪ درزيءَ جي دڪان جي ٻاهران ماڻهن کي گڏ ڪري اسان ”نيڪي جي دعوت“ ڏئي رهيا هئاسين. جڏهن بيان خَتم ٿيو تہ انهيءَ دڪان (Shop) جي هڪ ملازم نوجوان

چيائين: مان هڪ غير مسلم آهيان. اوهان جي نيڪي جي دعوت منهنجي دل تي گهڻو اثر ڪيو آهي. مهرباني فرمائي مون کي اسلام ۾ داخِل ڪري وٺو. اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مدني دوري جي برڪت سان هو مسلمان ٿي ويو.

نہ نیکی کی دعوت میں سُستی ہو مجھ سے    بنا شائقِ قافلہ یاالٰہی

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مجلسِ ماليات

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي سڄي دنيا ۾ ڪم وبيش 107 شعبن ۾ نيڪي جي دعوت جون ڌُومون مچائڻ ۾ مصروفِ عمل آهي. انهن مان هڪ شعبو "**مجلسِ ماليات**" بہ آهي. دعوتِ اسلامي جي لاءِ گڏ ٿيڻ وارا صدقاتِ واجبہ مثال طور زڪوة، فطرا، عشر ۽ صدقاتِ نافلہ مثال طور مساجد ۽ مدارس المدينہ، جامعات المدينہ، لنگرِ رضويہ ولنگرِغوثيہ وغيره جي مَد ۾ جمع ٿيندڙ مدني عطيات کي محفوظ بنائڻ، اُنهن جو حساب ڪتاب رکڻ ۽ انهن کي شرعي تقاضن جي مطابق خرچ ڪرڻ جي لاءِ" **مجلس ماليات**" جو قيام عمل ۾ آندو ويو آهي.مدني عطيات جمع ڪرڻ وارن اسلامي ڀائرن ۽ اسلامي ڀينرن جي شرعي رهنمائي جي لاءِ اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مڪتبة المدينہ جي طرفان رسالو ''**چندي جي باري ۾ سوال جواب**" ۽ "**چندو جمع ڪرڻ جا شرعي احتياط**" بہ شائع ڪيو ويو آهي. لهٰذا **مدني عطيات** (چندو) جمع ڪرڻ وارن، خرچ ڪرڻ وارن تمام عاشقانِ رسول وذمہ دارانِ دعوتِ اسلامي انهن ٻنهي رسالن جو لازمي مطالعو فرمائن تہ جيئن **شرعي ۽ تنظيمي طريقيڪار** مطابق اسان مدني عطيات (چندو) جمع ڪري سگهون.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## اعتڪاف جي ترغيب:

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اَلحَمدُ لِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ! رَمَضانُ المُبارَڪ جي آمد آمد آهي ۽ هن مُبارَڪ مهيني جي برڪتن جي ته ڇا ڳالهه ڪجي هن مهيني ۾ عبادت ڪرڻ ۽ نيڪين ۾ اِضافو ڪرڻ جا موقعا گهڻا وڌي ويندا آهن.

جڏهن رمضان شريف جو مهينو پنهنجون بهارون لٽائيندي تشريف آڻيندو آهي ته شيخِ طريقت،امير اهلسنت باني دعوتِ اسلامي حضرت علامہ مولانا ابوبلال محمد الياس عطار قادري رضوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي خوشي جو انداز ڏسڻ وٽان هوندو آهي. پاڻ دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي جذبات جي عڪاسي هنن شعرن مان ٿئي ٿي:

مرحبا صَد مرحبا! پھر آمدِ رَمَضان ہے کِھل اُٹھے مُرجھائے دل تازہ ہُوا اِیمان ہے
یاخُدا ہم عاصِیوں پر یہ بڑا اِحسان ہے زندگی میں پھر عطا ہم کو کِیا رَمَضان ہے
اَبرِ رَحمت چھا گیا ہے اور سَماں ہے نُور نُور فَضلِ رَبّ سے مَغفِرت کا ہوگیا سامان ہے

(وسائلِ بخشش مُرمّم،ص۷۰۵)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! عنقريب رمضان جو مهينو ايندو، پڪي نيت ڪريو ته اسان رمضان المبارڪ جا تمام روزا رکنداسين. جيتري به گرمي ٿي ان کي برداشت ڪندي هڪ به روزو نه ڇڏينداسين. اِنْ شَآءَاللّٰہ عَزَّوَجَلَّ

هر اها عبادت جنهن جي ڪرڻ ۾ مشقت ۽ پريشاني هجي، اللّٰہ پاڪ جي رحمت سان ان جو ثواب وڌي ويندو آهي. گرمي جي شدت، اُس جي تپش ۽ موسم جي سختي کي سهندي رمضان جو روزو اِنْ شَآءَاللّٰہ عَزَّوَجَلَّ ڪيئي ڀيرا وڌيڪ اجر و ثواب جو حقدار ڪندو. تنهنڪري پڪي نيت ڪريو ته اسان رمضان المبارڪ جا مڪمل روزا رکنداسين. اِنْ شَآءَاللّٰہ عَزَّوَجَلَّ

ياد رکو! رمضان جا روزا رکڻ فرض آهن ۽ انهن جو هڪ مقصد بہ آهي. جيئن الله پاڪ قرآنِ پاڪ ۾ اِرشاد فرمائي ٿو:

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا كُتِبَ عَلَيْكُمُ الصِّيَامُ كَمَا كُتِبَ عَلَى الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِكُمْ لَعَلَّكُمْ تَتَّقُوْنَۙ(۱۸۳)

(پ۲،البقره:۱۸۳)

ترجمو ڪنز الايمان: اي ايمان وارؤ! اوهان تي روزا فرض ڪيا ويا آهن جيئن اوهان کان اڳين تي فرض ڪيا ويا هئا من اوهان پرهيزگار ٿيو.

تفسير صِرَاطُ الجِنَان ۾ هن آيتِ ڪريمہ جي تحت لکيل آهي: روزي جو مقصد تقويٰ ۽ پرهيزگاري کي حاصل ڪرڻ آهي. روزي ۾ جيئن تہ نفس تي سختي ڪئي ويندي آهي ۽ کائڻ پيئڻ جي حلال شين کان بہ روڪيو ويندو آهي تہ ان سان پنهنجي خواهشات تي قابو جي مشق ٿيندي آهي، جنهن سان ضبطِ نفس ۽ حرام کان بچڻ تي قوت حاصل ٿيندي آهي ۽ اهو ئي ضبطِ نفس ۽ خواهشات تي قابو اهو بنيادي شيءِ آهي جنهن جي ذريعي انسان گناهن کان رُڪندو آهي. (صراط الجنان، ۱/۲۹۲)

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** معلوم ٿيو تہ روزو رکڻ جو بنيادي مقصد گناهن کان بچڻ آهي، روزو رکڻ جو بنيادي مقصد شريعت جي پاسداري آهي. روزو رکڻ جو بنيادي مقصد نيڪين جي راهہ تي گامزن ٿيڻ آهي. روزو رکڻ جو بنيادي مقصد الله پاڪ ۽ ان جي رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي فرمانبرداري آهي. اي ڪاش! اسان روزو رکڻ جي اصل مقصد کي سمجهي ان تي عمل پيرا ٿي وڃون.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِىِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

ياد رکو! رمضان ۾ نيڪيون وڌائڻ، پاڻ کي گُناهن کان بَچائڻ ۽ خُوب خُوب علمِ دِين حاصل ڪرڻ جو هڪ بهترين ذريعو سچي رمضان يا آخري عشري جو اِعتڪاف بہ آهي ۽ اعتڪاف جي فضيلت جو اندازو هن حديثِ پاڪ مان لڳايو تہ

اُمّ المُؤمنِين حضرت سَيدَتُنا عائِشہ صِدّيقہ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهَاکان رِوايت آهي تہ سرڪارِ ابدقرار، شفيعِ روزِ شمار صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ خوشبودار آهي: مَنِ اعْتَكَفَ اِيمانًا وَّاِحْتِسَابًا غُفِرَلَه مَاتَقَدَّمَ مِنْ ذَنْبِهٖ يعني جنهن شخص ايمان سان ثواب حاصل ڪرڻ جي نيّت سان اعتڪاف ڪيو ان جا تمام پويان گناهہ بخشيا ويندا. (جامع صغير، ص۵۱۶،حديث:۸۴۸۰)

هڪ بي حديثِ پاڪ ۾ آهي: جنهن رَمَضانُ المبارَڪ ۾ 10 ڏينهن اِعتڪاف ڪيو تہ هي ان جي لاءِ بہ حج ۽ بہ عُمرا ڪرڻ وانگر آهي. (شعب الايمان ،باب في الاعتكاف ،۳/۴۲۵،حديث: ۳۹۶۶)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ٿي سگهي تہ هر سال نہ تہ زِندگي ۾ گهٽ مان گهٽ هڪ ڀيرو تہ سچي رَمَضانُ المبارَڪ جو اِعتڪاف ڪرڻ ئي گهرجي.اسان جا پيارا آقا، مَنا مَنا مُصطَفٰي صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ اللّٰه پاڪ جي رِضا جي لاءِ هروقت ڪمربَستہ رهندا هئا ۽ خصُوصاً رَمَضان شريف ۾ عبادت جو خُوب اهتِمام ڪندا هئا. جيئن تہ رَمَضان جي مهيني ۾ ئي شبِ قدر کي بہ پوشيده رکيو ويو آهي، ان ڪري ان مُبارَڪ رات کي ڳولڻ جي لاءِ پاڻ صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ هڪ ڀيرو سچي مبارَڪ مهيني جو اعتِڪاف ڪيو. ۽ ائين بہ مسجِد ۾ رهڻ نهايت وڏي سَعادَت آهي ۽ مُعتَڪف جي تہ ڇا ڳالهہ آهي جو رِضاءِ الٰهي حاصل ڪرڻ جي لاءِ پنهنجي پاڻ کي سڀني مصروفيتن کان فارِغ ڪري مسجِد ۾ ويهي رهندو آهي. فتاويٰ عالمگيري ۾ آهي: "اعتِڪاف جون خوبيون بلڪل ئي ظاهر آهن، ڇوتہ هن ۾ ٻانهو اللّٰه پاڪ جي رِضا حاصل ڪرڻ جي لاءِ مڪمّل طور تي

پنهنجي پاڻ کي الله پاڪ جي عبادت ۾ مصروف ڪندو آهي ۽ دُنيا جي ان تمام مصروفيتن کان جدا ٿي ويندو آهي جيڪي الله پاڪ جي قُرب جي راهہ ۾ حائل ٿينديون آهن ۽ مُعتَڪف جو سمورو وقت حَقيقةً يا حُڪماً نَماز ۾ گذرندو آهي. (ڇوتہ نَماز جو انتِظار ڪرڻ بہ نماز جيان ثواب رکي ٿو) ۽ اعتِڪاف جو اَصل مقصد جماعت سان نَماز جو انتِظار ڪرڻ آهي ۽ مُعتَڪف ان (ملائڪن) کان مُشابَهت رکي ٿو جيڪي الله پاڪ جي حڪم جي نافرماني نہ ڪندا آهن ۽ جيڪو انهن کي حُڪم ملندو آهي ان کي ادا ڪندا آهن ۽ انهن سان مُشابَهت رکي ٿو جيڪي ڏينهن رات الله پاڪ جي تسبيح (پاڪي) بيان ڪندا رَهندا آهن ۽ ان کان بيزار ناهن ٿيندا. (فتاوي عالمگيري ج١ ص٢١٢)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان تہ اِعتڪاف دَوران نيڪيون ڪرڻ جا ڪيتري قدر مَوقعا ملندا آهن، اسان کي بہ هر سال نہ سهي گهٽ مان گهٽ زندگي ۾ هڪ ڀيري هن اَداءِ مصطَفٰي کي اَدا ڪندي سڄي مهيني رَمَضانُ الْمُبارَك جو اِعْتِڪاف ڪرڻ گهرجي ۽ ٻين کي بہ ان جي ترغيب ڏيارڻ گهرجي. اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ هن سال بہ دعوتِ اسلامي تحت سڄي مهيني رمضان ۽ آخري عشري جي سُنّت اعتڪاف جي ترڪيب ٿيندي، دُنياءِ دعوتِ اسلامي ۾ سڀ کان وڏو اعتڪاف عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه بابُ المدينه (ڪراچي) ۾ ٿيندو آهي، جنهن ۾ هن سال بہ اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ اميرِاهلسُنَّت، باني دعوتِ اسلامي حضرت علامہ مولانامحمدالياس عطارقادِري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَة بہ معتڪف ٿيندا، اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ اعتڪاف ۾ وضو و غسل، نماز و روزي ۽ ٻين شرعي مسئلن سان گڏوگڏ روزانو ٻن 2مدني مذاڪرن جي ذريعي اميرِاهلسُنَّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَة سان ڪيل سُوالن جا دِلچسپ ۽ علم وحڪمت سان ڀرپُور جوابن سان معلومات جو وڏو خزانو بہ هٿ ايندو آهي. اميرِاهلسُنَّت هي مُبارڪ صحبت ملندي آهي، عالمي مدني مرڪزفيضانِ مدينہ باب المدينہ ڪراچي ۾ ٿيڻ واري سڄي رمضان جي اِعتڪاف جي تيارين کي مزيد تيز ڪريو.

عالمي مدني مرڪز جي علاوه ٻين ڪيئي شهرن ۾ ٻه سڄي رمضان جو اعتڪاف ٿيندو، تمام عاشقانِ رمضان پنهنجي شهر جي متعلقه ذمہ داران سان ان جي معلومات حاصل ڪري هاڻي کان تياري شروع ڪري ڇڏيو.

رحمتِ حق سے دامن تم آکر بھرو مَدَنی ماحول میں کر لو تم اعتکاف
سنّتیں سیکھنے کے لیے آؤ تم مَدَنی ماحول میں کر لو تم اعتکاف
تم سُدھر جاؤ گے پاؤ گے برکتیں مَدَنی ماحول میں کر لو تم اعتکاف
فضلِ ربّ سے ہدایت بھی مل جائے گی مَدَنی ماحول میں کر لو تم اعتکاف
نیکیوں کا تمہیں خوب جذبہ ملے مَدَنی ماحول میں کر لو تم اعتکاف
ربّ کی رحمت سے جنّت میں پاؤ گے گھر مَدَنی ماحول میں کر لو تم اعتکاف

(وسائلِ بخشش مرمم،ص،639)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ دعوتِ اسلامي تقريباً سڄي دنيا ۾ 107 کان وڌيڪ شعبن ۾ دينِ اسلام جي خدمت جي لاءِ ڪوشش ڪري رهي آهي. هن مدني تحريڪ لاءِ اوهان جيڪي مدني عطيات (چندو) پيش ڪريو ٿا ان کي شرعي ۽ تنظيمي رهنمائي سان خرچ ڪيو ويندو آهي. دعوت اسلامي جي شعبن مان ڪجهه شعبن جو مختصر تعارف ملاحظه ڪريو:

## نمبر1 : جامعة المَدِينہ

### (عالِمِ دين و عالمہ بنائڻ وارو شعبو)

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي تحت نيڪي جي دعوت ۽ علمِ دين جي اشاعت جي لاءِ جامعات المدينہ قائم آهن جن ۾ شاگردن کي مفت تعليم سان گڏوگڏ

قيام، طعام ۽ ضروري سهولتون (مثال طور ڪمپيوٽر ليب، مطالعي جي لاءِ مناسب جڳهه ۽ ڪتاب، طِبّي علاج جي لاءِ ادويات وغيره) بہ بِلا مُعاوَضہ فراهم ڪيون وينديون آهن. هن نظام کي هلائڻ جي لاءِ صرف پاڪستان ۾ قائم جامعات المدينہ جي تعميرات جي علاوه سالانہ اَخراجات ڪروڙن ۾ آهن جيڪي اوهان جي ڏنل مدني عطيات (چندي) مان پورا ڪيا ويندا آهن. جامعات المدينہ ۾ ان ۾ زيرِ تعليم طلبہ ۽ طالبات جو تعداد ملاحظ ڪريو:

| | |
|---|---|
| تعدادجامعات المدينه(ملڪ و بيرونِ ملڪ) | 616 (ڇهہ سو سورهن) |
| شاگردن ۽ شاگرديائڻ جو تقريباً تعداد | تقريباً 52574 (ٻاونجاهہ هزار پنج سو چوهتر) |
| استادن وغيره جو ڪل مدني عملو (اسٽاف) | تقريباً 5299 (پنج هزار ٻہ سؤ نوانوي) |
| فارغ التحصيل شاگرد ۽ شاگرديائيون | 8688 (اٺ هزار ڇهہ سو اٺاسي) |

## نمبر 2 ۽ مدرسة المَدِينہ
## (تعليم قرآن عام ڪرڻ وارو شعبو)

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ شيخ طريقت، اميرِ اَهل سنّت باني دعوتِ اسلامي حضرت علامہ مولانا ابوبلال محمدالياس عطّارقادري رضوي ضيائي دَامَتۡ بَرَکَاتُهُمُ الۡعَالِيَهۡ جي فيضانِ نظر سان ملڪ ۽ بيرونِ ملڪ دعوتِ اسلامي تحت هزارين مدارس المدينہ قائم آهن جن ۾ مدني منّا ۽ مدني منّيون قرآنِ پاڪ جي مفت تعليم حاصل ڪري رهيا آهن. هنن مَدارس المدينہ ۾ پڙهڻ وارن کي سُنّتن جو پيڪر بنائڻ جي لاءِ انهن جي مدني تربيت بہ ڪئي ويندي آهي.صرف پاڪستان ۾ قائم مدارسُ المدينہ جي تعميرات جي علاوه سالانہ اَخراجات ڪروڙن ۾ آهن. مدارسُ المدينہ ۽ ان ۾ زيرِ تعليم مدني منّا ۽ مدني منّين جو تعداد ملاحظ ڪريو:

| | |
|---|---|
| تعداد مدارس المدينه(ملک و بيرون ملک) | 3287 (ٽي هزار ٻه سو ستاسي) |
| تعداد تقريباًمدني مُنّا ۽ مدني منّيون (ملک و بيرونِ ملک) | تقريباً 152340 (هڪ لک ٻاونجاهہ هزار ٽي سو چاليهہ) |
| استادن وغيره کل مدني عمله(اسٽاف) | تقريباً 8612 (اٺ هزار ڇهہ سو ٻارهن) |
| حفظ القرآن مکمل ڪرڻ وارن مدني منّن ۽ مدني منّين جو تعداد | تقريباً 80731 (اسي هزار ست سو ايڪٽيهہ) |
| ناظره قرآن جي تڪميل ڪرڻ وارن مدني منّن ۽ مدني منّين جو تقريباً تعداد | تقريباً215822( ٻه لک پندرهن هزار اٺ سو ٻاويهہ) |

## نمبر 3 خُدّامُ المَساجد
## (مسجدون بنائڻ وارو شعبو)

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ! دعوتِ اسلامي،مسجد ڀريو تحريڪ سان گڏوگڏ "مسجد ٺاهيو تحريڪ" بہ آهي.ملڪ ۽ بيرونِ ملڪ هن وقت ڪم و بيش 600 مسجدون زيرِ تعمير آهن.سوين مسجدون، مدني مراڪز(فيضانِ مدينہ) ٺهجي چڪا آهن.

## نمبر 4: شعبو فيضانِ مدينہ

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ! مسجدن جي تعميرات سان گڏوگڏ مدني مرڪز "فيضانِ مدينہ" بنايا ويندا آهن، ملڪ ۽ بيرونِ ملڪ تقريباً 322 فيضانِ مدينہ قائم آهن.

## نمبر 5 مدرسة المَدِينہ بالغان
## (بالغ اسلامي ڀائرن ۾ تعليم قرآن عام ڪرڻ وارو شعبو)

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ! مدرسة المدينہ بالغان جي ذريعي بالغ (وڏي عمر جي) اسلامي ڀائرن کي مختلف هنڌن (مثال طور مسجدن، دفترن، مارڪيٽ، دُڪانن وغيره) ۽ مختلف وقتن ۾ في سبيل الله ناظره تعليمِ قرآن سان گڏوگڏ نماز جا بُنيادي مسئلا ٻڌايا ويندا آهن، سُنّتون ۽ آداب سيکاريا ويندا آهن. ملڪ ۽ بيرونِ ملڪ مدرسة المدينہ بالغان جو تعداد تقريباً 37342 (ستٽيهہ هزار ٽي سو ٻائيتاليهہ) ۽

پڙهڻ وارن جو تعداد تقريباً 174317 (هڪ لک چوهتر هزار ٽي سو سترهن) آهي.

## نمبر 6: مدرسة المَدِينہ بالغات

### (بالغ اسلامي ڀينرن ۾ تعليم قرآن عام ڪرڻ وارو شعبو)

جهڙي طرح وڏي عمر جي اسلامي ڀائرن ۾ تعليمِ قراٰن عام ڪرڻ جو سلسلو جاري آهي، اهڙي طرح وڏي عمر جي اسلامي ڀينرن ۾ بہ قراٰنِ پاڪ جي تعليم کي عام ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي. مدرسة المدينہ بالغات جو تعدادتقريباً 3363 ۽ پڙهڻ وارين جو تعداد تقريباً 39132 اوڻيتاليهہ هزار هڪ سو ٻٽيهہ) آهي.

## نمبر 7: هفتيوار سُنّتن ڀريو اِجتماع

### (اسلامي ڀائرۍ اِسلامي ڀينرن)

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ! هزارين هنڌن تي اِسلامي ڀائرن ۽ اسلامي ڀينرن جا هفتيوار سُنّتن ڀريا اِجتماع ٿيندا آهن، جن ۾ هر هفتي لکين اسلامي ڀائر ۽ اسلامي ڀينرون شرڪت ڪري علمِ دِين حاصل ڪن ٿا، صرف پاڪستان ۾ اسلامي ڀائرن جا 561 جڏهن تہ اسلامي ڀينرن جا 7120 هفتيوار اِجتماع ٿي رهيا آهن. اسلامي ڀينرن جا اجتماع شرعي پردي سان ٿيندا آهن ۽ اسلامي ڀينرن جي اجتماعن ۾ اسلامي ڀينرون ئي تلاوت،نعت، بيان وغيره جي ترڪيب ڪنديون آهن.

هنن شعبن جي علاوه مزيد ڪيئي شعبا آهن جيڪي خدمتِ دين ۾ مصروفِ عمل آهن. اوهان سان گذارش آهي تہ ملڪ ۽ ٻاهرين ملڪ دعوتِ اسلامي جي زيرِ انتظام هلندڙ مدارسُ المدينہ، جامعاتُ المدينہ ۽ ٻين شعبن جي سمورن اَخراجات جي لاءِ پنهنجي مدني عطيات (چندي) مان تعاوُن فرمايو ۽ ثوابِ جاريہ جا حق دار بڻجي وڃو. صدقو ڏيڻ ۽ راهِ خدا ۾ خرچ ڪرڻ جا گهڻا فائدا آهن. اعليٰ حضرت، امامِ اهلسنّت مولانا شاه احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فتاويٰ رضويہ جلد 23، صفحي نمبر 152 تي احاديثِ طيبہ مان صدقو ڏيڻ جون

فضيلتون بيان ڪيون آهن، اچو! انهن مان ڪجهه ٻڌون ٿا: ❖ بِاِذْنِہٖ تَعَالٰی (الله پاڪ جي عطا سان صدقو ڏيڻ وارا) بُري موت کان بچندا۔ ❖ (صدقو ڏيڻ سان) ستّر(70) دروازا بُري موت جا بند ٿيندا. ❖ (صدقو ڏيڻ وارن جون) عُمرون گهٽيون ٿينديون. ❖ (صدقو ڏيڻ سان) رِزق جي وُسعت، مال جي ڪثرت ٿيندي، ❖ (صدقو ڏيڻ وارا) هن عادت سبب ڪڏهن محتاج نہ ٿيندا. ❖ (صدقو ڏيڻ وارا) خير و برڪت ماڻيندا. ❖ (صدقو ڏيڻ وارن سان گڏ) مددِ الٰهي شامل ٿيندي. ❖ رحمتِ الٰهي اُن (يعني صدقو ڏيڻ وارن جي لاءِ) واجب ٿيندي. ❖ ملائڪ اُنهن تي درود موڪليندا آهن. ❖ (صدقو ڏيڻ سان) انهن جا گناهه بخشيا ويندا، ❖مغفرت انهن جي لاءِ واجب ٿيندي.

الله پاڪ اسان کي دعوتِ اسلامي جي لاءِ مدني ڪمن ۾ سمورن شعبن جي لاءِ خوب خوب صدقات ومدني عطيات پاڻ بہ ڏيڻ ۽ ٻين کان گڏ ڪرڻ جي بہ توفيق عطا فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِی الْاَمِین صَلَّى اللهُ عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! 15 شعبان جي روزي جي هڪ خاص فضيلت آهي، اچو ٻڌو ۽ روزو رکڻ جو ذهن بڻايو،

## 15 شَعبان جو روزو

حضرتِ سَيدُنا علي المُرتَضٰي، شيرِ خدا رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي تہ نبي ڪريم، رءِ وُفٌ رَّحيم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عظيم آهي: جڏهن 15 شعبان المعظم جي رات اچي تہ ان ۾ قيام (يعني عبادت) ڪريو ۽ ڏينهن ۾ روزو رکو بيشڪ الله پاڪ غروبِ آفتاب کان آسمانِ دنيا تي خاص تجلي فرمائيندو ۽ فرمائيندو آهي تہ آهي ڪو مون کان مغفرت طلب ڪرڻ وارو تہ ان کي بخشي ڇڏيان! آهي ڪو روزي طلب ڪرڻ وارو تہ ان کي روزي ڏيان! آهي ڪو مصيبت زده تہ ان کي عافيت عطا ڪريان! آهي ڪو اهڙو! آهي ڪو اهڙو! ۽ هي ان وقت تائين فرمائيندو آهي جيسيتائين فجر طلوع تي وڃي." (ابن ماجه،۲/۱۶۰،حديث:۱۳۸۸)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! موقعي مان فائدو کڻو، اللّٰہ پاڪ جون رحمتون ماڻيو ۽ 15 شعبان جو روزو رکڻ جو ذهن بڻايو.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## جامعة المدينہ ۾ داخلا:

اَلْحَمْدُ لِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي جو شعبو جامعة المدينہ للبنين (اسلامي ڀائرن جي لاءِ) جامعة المدينہ للبنات (اسلامي ڀينرن جي لاءِ) علمِ دين جي شمع روشن ڪرڻ ۾ شب و روز مصروفِ عمل آهي. جامعات المدينہ ۾ شيخِ طريقت، اميراهلسنت دَامَتْ بَرَکَاتُھُمُ الْعَالِیَہ جي عطا ڪيل مدني گلن جي روشني ۾ شاگردن ۽ شاگرديائين کي علمِ دِين جي نُور سان منور ڪرڻ سان گڏوگڏ تنظيمي ۽ اخلاقي تربيت بہ ڏني ويندي آهي، جامعةالمدينہ مان فارغ ٿيندڙ مدني عالمن ۽ مَدَنِيہ اسلامي ڀينرون دعوتِ اسلامي جي ڪئي شعبن ۾ خدمتون سرانجام ڏئي رهيا آهن، اوهان بہ پنهنجن ٻارن، ڀينرن، ڀائرن ۽ عزيز واقارِب کي جامعة المدينہ ۾ داخلي جي ترغيب ڏياريو. امير اهلسنت دَامَتْ بَرَکَاتُھُمُ الْعَالِیَہ فرمائن ٿا:هر مسلمان کي گهرجي تہ گهٽ مان گهٽ پنهنجي هڪ پٽ ۽ نياڻي کي عالم ۽ عالمہ بڻايو، جامعات المدينہ ۾ درسِ نظامي (عالم ۽ عالمہ ڪورس) جا داخلا جاري آهن.

### داخلن جي آخري تاريخ:26شوال المکرم1440ھ(30جون2019ء):

اسلامي ڀائرن جي داخلن جي لاءِ پنهنجي قريبي جامعة المدينہ للبنين ۾ ڏينهن 10 کان 1 ۽ اسلامي ڀينرن جي داخلن جي لاءِ پنهنجي قريبي جامعات المدينہ للبنات ۾ هر جمعرات جو صبح 9:00 کان 1:00 رابطو ڪري سگهجي ٿو.

رابطو نمبر.(0311-1753826).. (صرف اسلامي ڀائرن جي لاءِ)

jamiatulmadina@dawaeislami.net: jamiapak@dawateislami.net

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد